روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) ڇنڇر 08 جولاءِ 2023 ع بمطابق 19 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 42

سنڌ ۾ برسات، مختلف شهرن ۾ حادثاءِ واقعا، وڄ ڪرڻ سبب سوين ڍور مري ويا

ڪوٽ غلام محمد، ٽنڊو الهيار، پان سيد آباد، پٿورو، ملڪاڻي شريف، بودر فارم ۽ ٻين علائقن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات پئي

چيلهار جي ڳوٺ پوريلو ۾ رات دير سان وسڪاري دوران وڄ ڪرڻ سبب 27 ٻڪريون مري ويون

ٿر ۾ وڄ ڪرڻ جي ڪري 212 ٻڪريون، ڍڳيون، اٺ مري ويا ۽ هڪ ماڻهو به زخمي ٿي پيا، ڳوٺ لونڊار ۾ 5 ٻڪريون، ڳوٺ ڦلاٽو ۾ 29 ٻڪر مري ويا

ڪراچي، حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي ۾ تيز برسات جا امڪان آهن، لاڙڪاڻو، ٿرپارڪر، ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ بدين ۾ به ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات پوندي : موسميات کاتو

ڪراچي ۾ تيز هوائن سان برسات جي امڪان سبب سول ايويئيشن اٿارٽي جا هنگامي اپاءَ ورتا پيا وڃن، هلڪي وزن جي جهازن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي

ميانوالي، فيصل آباد، جهنگ سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ برسات پوندي، تيز برسات سبب اسلام آباد، راولپنڊي جي هيٺاهين علائقن ۾ ٻوڏ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

ڪراچي / حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ چوماسي جا وسڪارا شروع ٿي ويا، مختلف شهرن ۾ حادثا ۽ واقعا پيش آيا، وڄ ڪرڻ سبب 239 ڍور مري ويا، هڪ شخص زخمي ٿي پيو ڪوٽ غلام محمد، پان سيد آباد، پٿورو، ملڪاڻي شريف، بودر فارم ۽ ٻين علائقن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات پئي، چيلهار جي ڳوٺ پوريلو ۾ رات دير سان وسڪاري دوران وڄ ڪرڻ سبب 27 ٻڪريون مري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف ٺهراءُ منظور ڪيو ويو هو

سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سڄي ملڪ ۾ احتجاج

حڪومت جي سڏ تي جمعي نماز کانپوءِ سڄي ملڪ ۾ شهرين ريليون ڪڍيون ۽ سويڊن ۾ پيش آيل واقعي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

ڪراچي ۾ مذهبي جماعتن ۽ شهرين طرفان جمع جي نماز کانپوءِ ريليون ڪڍيون ويون، ڪوئيٽا ۾ مذهبي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن احتجاج ڪيو

اسلام آباد، خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ ن ليگ، تحريڪ انصاف، جمعيت علماءِ اسلام ۽ جماعت اسلامي سميت ٻين جماعتن طرفان احتجاج ڪيو ويو

سويڊن جي سفير کي طلب ڪري پاڪستان طرفان ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرايو وڃي: شهري

او آءِ سي جو اجلاس طلب ڪرڻ سان گڏ سويڊن جي سفير کي ملڪ بدر ڪيو وڃي، جڏهن ته سويڊن جي شين جو بائيڪاٽ به ڪيو وڃي

اسلام آباد() سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سڄي ملڪ ۾ "يوم تقدس قرآن" جي سلسلي ۾ احتجاج ۽ ريليون ڪڍيون پيون وڃن. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف ٺهراءُ منظور ڪيو ويو هو ۽ جمعي تي يوم تقدس قرآن ملهائڻ جو اعلان ڪندي عوام کي احتجاج ۽ ريليون ڪڍڻ جي اپيل ڪئي وئي هئي. حڪومت جي سڏ تي جمعي نماز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان تمام جلد پنهنجن پيرن تي بيهي ڏيکاريندو: وزيراعظم

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ هلندڙ سال وڌيڪ بهتري آندي وئي آهي: نواز شريف

عوامي فلاحي منصوبي جو خواب محترما بينظير ڀٽو ڏٺو هو، آصف علي زرداري ۽ سندس ٽيم ان خواب کي عملي روپ ڏنو

شازيه مري ۽ سندس ٽيم کي پروگرام ۾ بهتري آڻڻ تي خراج تحسين پيش ڪيان ٿو

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان تمام جلد پنهنجن پيرن تي بيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

توشه خانه ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي حاضريءَ کان هڪ ڏينهن جي ڇوٽ واري درخواست منظور

اسلام آباد (م ر د) توشه خانه ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي حاضريءَ کان هڪ ڏينهن جي ڇوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آصف علي زرداري جي هدايت، زراعت کاتي پاران ڦٽي جي قيمت طئي

اگهه طئي ڪرڻ بعد زراعت کاتي ان ڏس ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ايگريڪلچر آفيسرن کي هارين کي زراعت کاتي پاران طئي ڪيل قيمت ڏيارڻ جي هدايت ڪئي وئي

هارين کي فيڪٽري کان مقرر ڪيل قيمت نه ملڻ جون شڪايتون آهن : زراعت کاتو

ڪراچي (رپورٽر) آصف زرداري جي هدايت کان پوءِ زراعت کاتي ڦٽي جي قيمت طئي ڪري ڇڏي سڄي سنڌ ۾ ڦٽي جو ني مڻ اگهه 8500 مقرر ڪيا ويا تفصيل موجب آصف زرداري پاران هدايت کان پوءِ زراعت کاتي ڦٽي جي قيمت طئي ڪري ڇڏي آهي زراعت کاتي ان ڏس ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي ايگريڪلچر آفيسرن کي هارين کي زراعت کاتي پاران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿي رهيو آهي

پرڏيهي ادائگيون: پاڪستان آءِ ايم ايف کي خاطري ڪرائي ڇڏي

پاڪستان آءِ ايم ايف کي 6 ارب ڊالرن بدران 8 ارب ڊالرن جي فنانسنگ جي انتظامن کان آگاهه ڪيو

عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پرڏيهي ادائگين لاءِ 6 ارب ڊالرن جي خاطري گهري هئي : ناڻي وزارت

چين پاڪستان کي ساڍا 3 ارب ڊالر فراهم ڪندو، چين جا ٻه ارب ڊالر ڊپازٽ ۾ رکيل هوندا

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) کي پرڏيهي ادائگين لاءِ فنانسنگ پلان فراهم ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ پاڪستان آءِ ايم ايف کي 6 ارب ڊالرن بدران 8 ارب ڊالرن جي فنانسنگ جي انتظامن کان آگاهه ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

وزيراعظم جي ويزن مطابق سي پيڪ رٿائن کي اڳتي وڌايون پيا: احسن اقبال

10 سال اڳ 5 جولاءِ 2013 تي جنهن رٿا جي شروعات ڪئي هئي

پاڪستان ۽ چين جي قيادت جي ڊگهي نظر سبب سي پيڪ وڏي ترقي ڪئي

گوادر پورٽ جي تعمير ۽ ترقي ۾ خاص ڪاميابيون مليون اڄ پورٽ مڪمل فعال آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته حڪومت وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن مطابق سي پيڪ جي رٿائن کي هلي ڏئي رهي آهي سي پيڪ 2014 کان 2030 تائين جوڙيو منصوبو آهي بنيادي سرشتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وفاقي وزير احسن اقبال

اوگرا جو ايل پي جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيس

ملڪ ۾ ايل پي جي اگهن ۾ غير قانوني ۽ غير معمولي واڌ جو نوٽيس ورتو ويو

نوٽيفائيڊ اگهن تي وڪرو يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن : عمران غزنوي

اسلام آباد (م ر د) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيس رٽندي سيني مارڪيٽن ڪمپنين کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. اوگرا ترجمان عمران غزنوي موجب ملڪ ۾ ايل پي جي جي اگهن ۾ غير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جماعت اسلامي جو پوري ملڪ ۾ سويڊن واقعي خلاف احتجاج

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف ڪراچي کان ڪشمور تائين ڀرپور احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

عالم سڳورن جمعي جي خطبات ۾ ان واقعي جي شديد مذمت ۽ قراردادون پڻ پاس ڪيون ويون

احتجاج دوران سوئيڊن جي سفير کي ملڪ نيڪالي ۽ توهين ڪندڙ ملعون کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي: جماعت اسلامي پاران سويڊن واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ پاران مرڪزي امير سراج الحق جي اپيل تي سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف ڪراچي کان ڪشمور/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

حريم شاهه جا مولانا فضل الرحمان تي هم جنس پرستي جا الزام، چئلينج ڏئي ڇڏيائين

ڪراچي (م ر د) تڪراري ٽڪ ٽاڪر حريم شاهه مولانا فضل الرحمان تي گنڀير الزام هنيا آهن. اهڙا الزام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لينڊ انفارميشن اينڊ مئنيجمينٽ سسٽم جو افتتاح

افتتاحي تقريب جو خاص مهمان هو، تقريب ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير به موجود هو

ملڪ اندر ڪروڙين غير آباد زمينن کي ايل ايم سي تحت پوکيو ويندو : پڌرنامو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف لينڊ انفارميشن اينڊ مئنيجمينٽ سسٽم سينٽر آف ايڪسيلنس (لمز) جو افتتاح ڪيو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي ۾ دواساز ڪمپني جي ناانصافين تي ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا

ڪمپني انتظاميا گذريل ٻن سالن کان مسلسل يونين کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي : ٻچل سامٽيو

ڪمپني يونين سان ڪيل معاهدن جي مسلسل ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي، جولائي 2022 ۾ ڊبل چارج چارٽر آف ڊمانڊ هيل تائين رولڙي جو شڪار آهي

ڪمپني کي ان سلسلي ۾ يونين هڪ خط پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ ڪمپني جي ڪيل خلاف ورزي کي واضح ڪيو ويو آهي

ڪراچي (م ر د) ڪراچي ۾ دواساز ڪمپني جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج بڻجي ويا. دي سرل ڪمپني لميٽيڊ ايمپلائيز يونين (سي بي اي) پاڪستان جي صدر محمد ٻچل سامٽيو، سيڪريٽري جنرل اعجاز احمد، ظفر اقبال، شاهد شاهه، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي واٽر بورڊ کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا ويندا: مرتضيٰ وهاب

پوليس اسٽيشن قائم ڪئي ويندي، پاڻي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

6 آگسٽ تائين هائيڊرنٽس سيل کي ڊجيٽائيز ڪري واٽر بورڊ جي ويب سائيٽ تي جاري ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي واٽر بورڊ کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا ويندا ۽ پوليس اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب شهر جي دوري دوران عملدارن سان ڳالهائي رهيو آهي

9 مئي سانحو: عورتن ۽ ننڍي عمر وارن جا ڪيس فوجي عدالتن ۾ نه هلائڻ جو فيصلو

حملن ۾ ملوث عورتن ۽ 18 کان ننڍي عمر جي ماڻهن تي عدالتن ۾ ڪي ڪيس هلندا

فوجي عدالتن ۾ ٻڌڻي دوران جوابدارن کي وڪيل ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو

جوابدارن جي خاندان کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن ملڻ جي اجازت هوندي : ذريعا

لاهور (م ر د) 9 مئي تي فوجي تنصيبات تي حملن ۾ ملوث عورتن ۽ 18 ورهين کان گهٽ عمر جي ماڻهن تي فوجي عدالتن ۾ ڪيس نه هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ذريعن موجب 9 مئي تي فوجي تنصيبات سوڌو سرڪاري ملڪيتن تي حملن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نواز شريف جي نااهلي جا 5 سال پورا ٿي ويا: عطاءُ الله تارڙ

نواز شريف خلاف ڪيسن ۾ ڪا به صداقت ناهي، 5 سالن کان وڌيڪ نااهل نٿو ٿي سگهي

حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي، آئين ۾ چونڊن جو وقت مقرر آهي

نواز شريف جلد وطن واپس ايندو، اسان جي خواهش آهي ته نواز شريف چونڊ مهم جي قيادت ڪري

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي شهباز شريف جي خاص مددگار عطاءُ الله تارڙ جو چوڻ آهي ته نواز شريف جي نااهلي جا پنج سال پورا ٿي ويا آهن، ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته نواز شريف خلاف ڪيسن ۾ ڪا به صداقت ناهي، 5 سالن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف جو خاص مددگار عطاءُ الله تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

جهڏي ويجهو گرم تيل نينگر جو ڪپڙن کان آجو لاش هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ويجهو گهگهه موري ۾ 15 ورهين جي نينگر پرسو ولد پارو ڪولهي جو ڪپڙن کان آجو ٽيل وونڻن جي فصل مان لاش هٿ آيو اطلاع تي جهڏو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي آر ايچ سي منتقل ڪيو آهينينگر جي وارثن موجب ته پارو گذريل شام کان گهر نه آيو هو صبح لال بخش لغاري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

روس: بارود ناهيندڙ فيڪٽري ۾ ڌماڪو، 8 ڄڻا اجل جو شڪار

بارودي مواد ناهيندڙ هڪ فيڪٽري ۾ ٽيل ڌماڪي کان پوءِ خوفناڪ باهه ڀڙڪي پئي

بارودي مواد جي اها فيڪٽري وچ روس جي علائقي سمارا ۾ موجود هئي : پرڏيهي خبرو ادارو

ماسڪو (م ر د) روس ۾ بارودي مواد ناهيندڙ هڪ فيڪٽري ۾ ٽيل ڌماڪي کان پوءِ خوفناڪ باهه ڀڙڪي پئي جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عدالت پي ٽي آئي جي ڪوريج بابت درخواست اڪلائي ڇڏي

اوهان پيمرا آرڊر سان ڪيئن متاثر ٿي سگهو ٿا : جسٽس عدنان اقبال چوڌري

منهنجو اصيل پارٽي جو ميمبر ۽ سپورٽر آهيان (درخواستگذار) اوهان پاڪستان جا صدر به هجي ته هن آرڊر سان ڪيئن متاثر ٿي سگهو ٿا : جسٽس عدنان اقبال چوڌري

پيمرا جنهنڪي حڪم ڏنو اهو متاثر ٿيو ۽ اوهان ڪيئن ٿيا پيمرا جي آرڊر جي خلاف ته چينلز کي عدالت اچڻ گهرجي ها : جسٽس عدنان اقبال چوڌري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آئي جو نالو ۽ ليڊرشپ جي ميڊيا ڪوريج نه ڪرڻ بابت پيمرا نوٽيفڪيشن جي غلط تشريح جي خلاف درخواست واپس وٺڻ تي اڪلائي ڇڏي درخواست گذار جي وڪيل بئريسٽر طاهر علي موقف ڏنو ته 9 مئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور ۾ ڪِرپل ڊرون مان اهڙي شئي نڪتي جو پوليس اختيارين پريشان ٿي وين

لاهور (م ر د) لاهور جي علائقي ڪاهنه ۾ گذريل ڏينهن منشيات سان ڀريل ڊرون ڪِري پيو پوليس موجب ڪروڙين رپيا ماليت جي 6 ڪلو منشيات کڻي ويندڙ ڊرون هلوڪي ڀرسان رسول پورا ڳوٺ ۾ ڪِريو پوليس چيو ته منشيات سان ڀريل ڊرون ڪنان آپريٽ ٿي رهيو هو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير سيد نويد قمر سان آءِ ايم ايف جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

اسرائيل ويندڙ 5 پاڪستانين کان پڇا ڳاڇا دوران ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا

اسان اسرائيل ۾ پنهنجي سيٽاپ لڳائي هئي ته جيئن ڪو نقصان نه پهچايو وڃي : گرفتار ڪيل

ٿوري ٿوري رقم ويسٽرن يونين ذريعي ميرپورخاص موڪلي وئي، جنهن جي شاخ شهر جي ڊاڪخاني ۾ موجود آهي

6 سالن جي عرصي ۾ مجموعي طور 20 لک رپيا موڪليا ويا، اهي ماڻهو اسرائيل ۾ گاڏيون ڌوئڻ ۽ هيلپر طور ڪم ڪندا هئا

اسلام آباد (م ر د) اسرائيل وڃڻ جي ڏوهه ۾ حراست هيٺ 5 پاڪستانين جي حوالي سان معلوم ٿيو آهي ته اسرائيل ۾ آهن جا مت مائٽ به موجود آهن ۽ هتان جاچ ڪندڙن کي ٻڌايو ته اسان اسرائيل ۾ پنهنجي سيٽاپ لڳائي هئي ته جيئن ڪو نقصان نه پهچايو وڃي، ايف آءِ اي ميرپورخاص جي 5 ڄڻن محمد انور، محمد ڪامران صديقي، ڪامل انور، محمد ذيشان ۽ نعمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

هاڻي ملندو اي ٽي ايم ڪارڊ ۽ چيڪ بڪ، ڊيوائيس مافيا کي وڏو ڌڪ

وزيراعظم شهباز شريف ۽ شازيا مري پاران مستحق عورتن ۾ سماجي تحفظ اڪائونٽس ڪٽس ورهايون ويون

هن پروگرام جو مقصد معاشري جي ڪمزور طبقي ۽ ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي : وزيراعظم

شازيا مري پاران مستحق عورتن ۾ سماجي تحفظ اڪائونٽس ڪٽس ورهائيندي

ڪراچي (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف بينظير سماجي تحفظ بينڪ اڪائونٽس جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته پروگرام جي چيئرپرسن شازيا مري به ان موقعي تي ساڻس گڏ هئي، وزيراعظم شهباز شريف ۽ شازيا مري پاران مستحق عورتن ۾ سماجي تحفظ اڪائونٽس ڪٽس ورهايون ويون. وزيراعظم شهباز شريف بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو دائرو وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته هن پروگرام جو مقصد معاشري جي ڪمزور طبقي ۽ ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي.

پاڪستان ۾ ڊرون ذريعي منشيات اسمگلنگ جو ڇرڪائيندڙ واقعو

پوليس ڪارروائي ڪندي لکين رپين جو ڊرون ۽ منشيات هٿ ڪري ورتي

ٻنهي شين کي وڌيڪ جاچ لاءِ اينٽي نارڪوٽڪس فورس حوالي ڪيو ويو

لاهور (م ر د) لاهور جي علائقي ڪاهنا ٿاڻي جي علائقي هالوڪي ۾ لکين رپين جي منشيات سان ڀريل ڊرون ڪري تباهه ٿي ويو ڪاهنا جي اسٽيشن هائوس آفيسر (ايس ايڇ او) عبدالواحد موجب ڊرون حادثو ڳوٺ رسول پوره ۾ ٿيو معمول کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڀارتي فوجي اهلڪار زال ۽ معصوم پٽ کي جيئرو ساڙي ڇڏيو

جوابدار جو ٻن مهينن جو پٽ ٿڌي تي ئي ماءُ سوڙ فوت ٿي ويو

8 ورهين جي پٽ بري طرح سڙي زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

نئين دهلي (م ر د) ڀارتي رياست بهار ۾ هڪ حاضر سروس فوجي اهلڪار زال ۽ معصوم پٽ کي باهه ڏئي جيئرو ساڙي ماري ڇڏيس مقامي ميڊيا جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسرائيل عالمي قانونن تحت پنهنجي ذميوارين تي عمل ڪري : انتونيو گوتريس

اسرائيل وٽ فسلطين ۾ تشدد جي ڪارروائين جو ڪو جواز ناهي : گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل

جنين تي اسرائيل جا هوائي حملا جنگي ڏوهن جي زمري ۾ اچن ٿا، هوائي حملا قانون لاڳو ڪندڙ آپريشن سان هڪجهڙائي نٿا رکن

مون کي نٿو لڳي ته اسرائيلي حڪومت ان امڪان سان اتفاق ڪندي

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس

نيويارڪ (م ر د) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل خبردار ڪيو آهي ته اسرائيل عالمي قانونن تحت پنهنجي ذميوارين تي عمل ڪري، گڏيل قومن جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ٽنڊو ڄام: هيلٿ سينٽر جي ڊاڪٽرياڻي جو ايڊمن آفيسر تي هراسان ڪرڻ جو الزام

ايڊمن آفيسر طالب حسين ڀڳهيو پاران ڊاڪٽرياڻي افروز کي تنگ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو

ايڊمن مان تنگ ٿي موڪل لکي آهي، ايڊمن آفيسر جي ٽارچر سبب ڊپريشن ۾ هلي وئي آهيان : ڊاڪٽرياڻي

ٽنڊو ڄام (رپورٽر) ٽنڊو ڄام هيلٿ سينٽر جي ايڊمن آفيسر پاران ڊاڪٽرياڻي کي تنگ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، جوائننگ ڏيڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو هيلٿ سينٽر جي ڊاڪٽرياڻي طرفان ايڊمن آفيسر تي هراسان ڪرڻ جو الزام هنيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اليڪشن ڪميشن تي سائبر حملو، سيڪيورٽي الرٽ جاري

ملازمن کي اي ميلز استعمال نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

اي ميلز کولڻ سان قيمتي ڊيٽا چوري ٿي سگهي ٿي : اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن تي سائبر حملو ٿيو آهي، جنهن کانپوءِ اختيارين طرفان الرٽ جاري ڪيو ويو آهي، سائبر حملي کانپوءِ اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اٽلي: اولڊ هوم ۾ باهه لڳي وئي، 8 ڄڻا فوت 80 زخمي

اٽلي جي شهر ميلان ۾ هڪ رٽائرمينٽ هوم ۾ اوچتو باهه لڳي وئي

فوتين مان ٻه بري طرح سڙي جڏهن ته 4 ڄڻا ڪمري ۾ دونهون ڀرجڻ سبب فوت ٿي ويا

ميلان (م ر د) اٽلي جي شهر ميلان ۾ هڪ رٽائرمينٽ هوم ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا سڙي فوت ۽ 80 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ ۾ ڊائريا جي ڪيسن ۾ تيزيءَ سان واڌ، 83 هزار ماڻهو متاثر

هلندڙ سال 83 هزار کان وڌيڪ ماڻهو ڊائريا جو شڪار ٿيا

هلندڙ سال سڀ کان وڌيڪ 32 هزار 57 ڊائريا جي ڪيس ڪراچي جي وچ ضلعي ۾ سامهون آيا

ڪراچي (م ر د) سنڌ ۾ ڊائريا جي ڪيسن ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿيڻ لڳي، صوبائي صحت کاتي موجب ڊائريا جي ڪيسن ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي آهي، جنهن سبب هلندڙ سال 83 هزار کان وڌيڪ ماڻهو ڊائريا جو شڪار ٿيا، صحت کاتي جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

فريال ٽالپور جي سردار منظور احمد پنهور جي خاندان سان تعزيت

فريال ٽالپور مرحوم سردار منظور احمد پنهور جي لاءِ فاتحه خواني پڻ ڪئي

مرحوم سردار منظور پنهور هڪ اصول پرست انسان هو ۽ سندس اصولن جي ڪري ماڻهو کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا : فريال ٽالپور

تعزيت جي موقعي تي پ پ ايم اين اي اعجاز جکراڻي، چنگيز خان جکراڻي، ايم پي اي سهراب خان سرڪي ۽ ٻيا به موجود هئا

جيڪب آباد (ن س) پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ونگ جي صدر محترمه فريال ٽالپور پيپلز پارٽي جي مرحوم اڳواڻ سردار منظور احمد پنهور جي خاندان سان تعزيت ڪرڻ لاءِ جيڪب آباد پهتي. جيڪب آباد ۾ محترمه فريال ٽالپور مرحوم سردار منظور احمد پنهور جي پٽ اورنگزيب پنهور ۽ ٻين گهرڀاتين سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي محترمه فريال ٽالپور مرحوم سردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جيڪب آباد: فريال ٽالپور جي سردار منظور احمد پنهور جي خاندان سان تعزيت ڪري رهي آهي

ڪم ڪندڙ عورت مڙس کان ڳري معاوضي جي حقدار ناهي: عدالتي فيصلو

نئين دهلي (م ر د) ڀارتي عدالت چيو آهي ته جڏهن شادي شده عورت ڪم ڪرڻ جوڳي آهي ته هوءِ پنهنجي مڙس کان ڳري معاوضي جي حقدار نٿي ٿي سگهي. جسٽس راجندر جي سربراهي ۾ بينچ طلاقيل عورت پاران داخل ڪيل مجرمانه نظرثاني جي درخواست تي غور ڪندي اهو فيصلو ٻڌايو. ڪرناٽڪ هاءِ ڪورٽ موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي واٽر بورڊ کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏئي پاڻي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي ۾ سيوريج لائينن کي آهستي آهستي تبديل ڪيو ويندو ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورهاست کي يقيني بڻايو ويندو

نيگليريا جهڙي موذي مرض کان بچاءُ لاءِ سوئمنگ پولز، مسجدن ۽ ٻين هنڌن تي جتي پاڻي گهڻو استعمال ٿئي ٿو

50 کان 55 هنڌن تي روزانو ڪلورينيشن جاري آهي. شهر ۾ شفاف طريقي سان پاڻي جي ورهاست ٿيڻ گهرجي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي(رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي واٽر بورڊ کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا ويندا ۽ پوليس اسٽيشن قائم ڪئي ويندي، پاڻي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ڪي ايم سي ۾ ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بدين ۾ اسلام جي ٽين خليفي
حضرت عثمان عليه السلام جي
يوم شهادت تي ريلي

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) اسلام جي ٽين خليفي حضرت عثمان عليه السلام جي يوم شهادت جي موقعي تي سني رابطا ڪميٽي ۽ تحريڪ انصاف جي طرفان هڪ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي جيڪا جيڪا شهر جي مختلف علائقن مان گشت ڪندي پريس ڪلب پهتي جنهن کي خطاب ڪندي مولانا عبدالله سنڌي قاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ تاج محمد خان ڏومڪي جي پهرين ورسي جتوئي هائوس بچل شاهه تي منعقد

اڳواڻ جي ورسي عقيدت احترام سان ملهائي وئي روح کي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي

دلمراد خان جتوئي، ضلعي محمد عيدن خان جتوئي، فهد علي پٺاڻ، ايڊووڪيٽ ياسين جتوئي شريڪ

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) سنڌ جي اڳوڻي صدر سينٽرل ڪاميٽي ممبر شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌس خاندان سان ساهه جي آخري گهڙي تائين ساٿ نڀائيندڙ چيف آف ڏومڪي مرحوم سردار تاج محمد خان ڏومڪي جي پهرين ورسي جتوئي هائوس بچل شاهه مياڻي ۾ عقيدت احترام سان ملهائي وئي سنڌس روح کي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

درياخان مري ۾ سيال برادري جي مردن عورتن ٻارڙن پاران پوليس خلاف احتجاج

درس حنيف مهر ۽ ايس آءِ رياض خاصخيلي سميت پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج رڪارڊ

ايس ايڇ او قاضي احمد ڳري رشوت وٺي اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن: مظاهرين جو الزام

پوليس تشدد ڪري اسان جي پاءُ عاشق سيال ۽ محبت سيال کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) درياخان مري ۾ سيال برادري جي مردن عورتن ٻارڙن معصوم ٻارڙن پاران ايس ايڇ او قاضي احمد ايس ايڇ او درس حنيف مهر ۽ ايس آءِ رياض خاصخيلي سميت پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويو. غلام صفره سيال پوليس جي زيادتين ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف دانهيندي چيو ته قاضي احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: سيال برادري پاران پوليس خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان پيٽرياٽڪ يوٿ
ضلع بدين پاران پاڪ ڪتاب
جي بي حرمتي خلاف احتجاج

بدين(مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان پيٽرياٽڪ يوٿ ضلع بدين پاران سوئيڊن ۾ ڪيل قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف بي بي واڇي طرفان بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب بي بي واڇي ضلع بدين جي صدر سبحان فاروقي سينيئر نائب صدر مدثر خاصخيلي نائب صدر وسيم حسن ستي صدر احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شڪارپور ڊسٽرڪٽ چيئرمين ذوالفقار خان ڪماريو پاران اسڪيمن بابت ڪڇهري

ڪڇهري ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئر آغا نعيم، ايجوڪيشن ورڪس انجنيئر گرمکداس شريڪ

ذميواري سونپي آهي ان ڪري سڀني اسٽيڪ هولڊرس سان ملي عوام جي خدمت ڪنداسين: چيئرمين

ضلعي ۾ ڪافي ترقياتي اسڪيمون سالن کان روڙيل جو شڪار آهن جن جو تدارڪ ڪيو وڃي: ڳالهيون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ڊسٽرڪٽ چيئرمين ذوالفقار خان ڪماريو ترقياتي اسڪيمن بابت ڪڇهري جي صدارت ڪئي. ڪڇهري ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئر آغا نعيم، ايجوڪيشن ورڪس انجنيئر گرمکداس، ڪماريو شرڪت ڪئي. ڪڇهري سان جي نمائيندي ءِ مذهبي ٽائون چيئرمين نجف خان انجنيئر محمد علي ءِ ڊسٽرڪٽ روڊز ءِ بلڊنگ ڳالهائيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ سيد چٽل شاهه کان "سلام فرمانده" جي ترانو بعد ريلي

غدير ريلي پير سومر شاهه، امامبارگاهه باغ علي، درگاهه سچل فقير، ڪنڊيا ڪاهي کان نڪتي

پير فقير ڪلهوڙا، گلزار حبيب پمپ، امامبارگاهه ابوتراب، نارو شاهه اسٽاپ، الله چوڪ تان گشت

ريلي بابت انجمن العباس ڪاهي ممن طرفان نيشنل هاءِ وي تي نياز ۽ سبيل جو بندوبست ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سلام جشن عيد غدير ريلي ڳوٺ سيد چٽل شاهه کان "سلام فرمانده" جي اجتماعي ترانو بعد نهايت عقيدت ۽ احترام سان نڪتي جيڪا پير سومر شاهه، امامبارگاهه باغ علي، درگاهه سچل فقير ڪنڊيا ڪاهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پيپلزپارٽي ايم پي اي چيف
سردار مير عابد خان سندراڻي
جي چاچي جي تدفين

غوٿپور (عبدالنبي ملڪ) غوٿپور پاڪستان پيپلزپارٽي ايم پي اي چيف سردار مير عابد خان سندراڻي جي چاچي ۽ اڳوڻي ب ب ايم پي اي مير حاڪم علي خان سندراڻي کي هزارين آلين اکين سان سندس اباڻي شهر ڳوٺ دڙي سندراڻي ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو سندس جي جنازه نماز ۾ مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان هزارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: عيد غدير جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

مانجهند ۾ پسند جي پرڻي جي پاداش ۾ اغوا ڪيل نينگري بازياب نه ٿي سگهي

معاملي جو 12 ڄڻن تي ڪيس داخل 5 گرفتار گهر ۾ قرآن شريف جو ورد جوابدارن کي پڙهڻ پاراتا

مبينا اغوا ڪيل 15 ورهين جي نينگري فاطمه ميمڻ ڌي نظام الدين ميمڻ بازياب نه ٿي سگهي

راجا مظفر برڪت ميمڻ الهجڙيو حاجاڻو ۽ ٻن اڻڄاتل جوابدارن سميت 12 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ پسند جي پرڻي جي پاداش ۾ ڳوٺ ڪريل 2 ڏينهن اڳ اغوا ڪيل نينگري بازياب نه ٿي سگهي. پوليس ڳولا ۾ ناڪام 12 ڄڻن تي ڪيس داخل 5 گرفتار گهر ۾ قرآن شريف جو ورد جوابدارن کي پڙهڻ پاراتا تفصيل موجب مانجهند ۾ 2 ڏينهن اڳ پسند جي پرڻي جي پاداش ۾ مبينا اغوا ڪيل 15 ورهين جي نينگري فاطمه ميمڻ ڌي نظام الدين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو غلام حيدر تحريڪ لبيڪ پاڪستان ۽ غوثيه جماعت جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو

عبدالحئي حافظ نثار احمد اسحاق پنهور مقبول ڏنگڻون جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اسلامي ملڪن کي سوئيڊن سان مڪمل سفارتي ۽ واپاري لاڳاپا ختم ڪرڻ گهرجن: اڳواڻن جو خطاب

افسوس ناڪ عمل آهي اهڙن واقعن سبب دنيا ۾ اسلامي فوبيا جي لهر هڪ ڀيرو ٻيهر پکڙجي پئي آهي

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) ٽنڊو غلام حيدر تحريڪ لبيڪ پاڪستان ۽ غوثيه جماعت جي اڳواڻي ۾ حافظ عبدالقدير حافظ ظهير احمد عبدالحئي حافظ نثار احمد اسحاق پنهور مقبول ڏنگڻون ۽ ڳوٺ سوالي ڏنگڻون مان قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن چيو ته اسلامي ملڪن کي سوئيڊن سان مڪمل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شڪارپور ۾ پاڪ ڪتاب جي
بيحرمتي خلاف انجمن طلباءِ
اسلام جو احتجاجي مظاهرو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پاڪ ڪتاب جي بيحرمتي خلاف انجمن طلباءِ اسلام جو احتجاجي مظاهرو. خبر موجب انجمن طلباءِ اسلام ضلع شڪارپور جي طرفان جامع مجد تعلم القرآن درگاهه شريف مفتي اعظم شڪارپور کان لکيدر گهنٽا ٽائين سوئيڊن ۾ ٿيندڙ قرآن پاڪ ۽ بحرمتي جي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو غلام حيدر: مذهبي جماعتن پاران سوئيڊن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر عوامي پريس ڪلب جي صحافين جي ڪردار ڪشي ڪرڻ خلاف احتجاج

سينيئر صحافي علي خان چانڊيو ۽ حاجي خان پنهور سميت ٻين مقامي صحافين پاران مظاهرو

ايس ايڇ او پاران ٻنهي ڏرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ الزام هڻندڙ شخص کي ڏوهاري قرار ڏئي ڇڏيو

حق ۽ سچ لکندڙ صحافين جي سوشل ميڊيا ذريعي ڪردار ڪشي ڪري حراسان ڪيو پيو وڃي: اڳواڻ

ٽنڊو غلام حيدر(ن س) عوامي پريس ڪلب جي صحافين جي ڪردار ڪشي ڪرڻ خلاف تعلقي جي صحافين سوشل ورڪرن سياسي سماجي اڳواڻن قوم پرست ڪارڪن سينيئرصحافي علي خان چانڊيو ۽ حاجي خان پنهور سميت ٻين مقامي صحافين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو هي جنهن جو نوٽيس ايس ايڇ او ٽنڊو غلام حيدر ممتاز علي ڪوسو پاران ورتو ويو صحافين سميت الزام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

جهڏو ويجهو گهگهه موري ۾ 15 ورهين جي نينگر جو ڪٽيل آڌو ٿيل لاش هٿ

اطلاع تي جهڏو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

ڪبوتر جهلڻ تان نينگر جي سنڌس ئي هم عمر مائٽ گوونڊ ڪولهي سان منهن ماري تي هئي

جهڏو (ممتاز جوڻيجو) جهڏو ويجهو گهگهه موري ۾ 15 ورهين جي نينگر پرسو پٽ پاوو ڪولهي جو ڪٽيل آڌو ٿيل ورنشن جي فصل مان لاش هٿ آيو. اطلاع تي جهڏو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي جهڏو اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خانپور ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي رحيم آباد لاڙو پرسان هٿياربندن پاران ڦرلٽ

بدر دين سومرو کان نامعلوم هٿياربندن پاران هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڦرلٽ

سومرا برادري ۽ انڊس هاءِ وي رحيم آباد لاڙو تي انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو

خانپور (رپورٽ عتيق ابڙو) خانپور ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي رحيم آباد لاڙو پرسان موٽرسائيڪل سوار بدر دين سومرو کان نامعلوم هٿياربندن پاران هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪيش 3 لک روڪ رقم موبائل فونز ۽ بيو قيمتي سامان ڦر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خانپور: ڦر واقعي خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

دائود يونيورسٽي جي شاگردن جي داخلا رد ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا: اشرف ڪلهوڙو

دائود يونيورسٽي مان شاگردن کي ڊاڪٽر تي بيدخل ڪري سنڌن جي داخلا رد ڪئي وئي آهي

ڊاڪٽر ثمرين عاصم ڪريشن لڪائڻ جي ڏوهه ۾ شاگردن کي بار بار حراسان ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) انجنيئرنگ دائود يونيورسٽي جي شاگردن جي داخلا رد ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. صدر اشرف ڪلهوڙو جساف مرڪز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز پرسان صحت کاتي جي ملازم محمد رفيق سمون سان حادثو، ٻارڙو فوت

محمد رفيق سمون حسنين سمون کي ليٽ نگر اسپتال کڻي وڃي رهيو ته حادثو ٿيو

هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس سنڌ جي صوبائي صدر خادم حسين مستوئي پاران عيادت

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) صحت کاتي جي ملازم محمد رفيق سمون پنهنجي چار سالا پٽ حسنين سمون کي ليٽ نگر اسپتال کڻي وڃي رهيو هو ته سامهون ايندڙ موٽر سائيڪل سوار جي تيز ازار سان سندس ٽنگ ڀڃي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو آدم جي ناري پاران پيار جي پرڻي بعد تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

مسمات سيائي ڌي ميرمحمد گبيرڙو پيار جي پرڻي بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو

مڙس کي منهنجي پاءُ خدابخش گبيرڙو ۽ ٻين مان جان جو خطرو آهي: مسمات سيائي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ٽنڊو آدم جي ناري مسمات سيائي ڌي ميرمحمد گبيرڙو پيار جي پرڻي بعد تحفظ لاءِ نيشنل پريس ڪلب نوشهروفيروز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

بدين جي ساموندي پٽي ۾ جمع جي ڏينهن تيز هوائن سان برسات شروع

ڳوٺائي حافظ عبدالجبار مڱي ڪنوڻ ڪرڻ سبب هو ٿڌي تي ئي فوت ٿي ويو

ڳوٺ گل محمد لنڊ ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعي ۾ نوجوان مشتاق لنڊ به فوت ٿي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي ساموندي پٽي ۾ جمع جي ڏينهن تيز هوائن سان برسات شروع ٿي ويئي برسات دوران ڳوٺ حاجي منثار دل ۾ هڪ ڳوٺائي حافظ عبدالجبار مڱي ڪنوڻ ڪرڻ سبب هو ٿڌي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ منا خان مري ۾ شيعان حيدر ڪرار پاران ريلي

محب علي منوري، مولانا شمر حسين جعفري، مولانا منتظر حسين منتظري خطاب ڪيو

امام معصوم عليه السلام ٻه هن ڏينهن کي مؤمنن جي عيد قرار ڏنو آهي: شمر حسين جعفري

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌ وادي جي ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ منا خان مري ۾ شيعان حيدر ڪرار پاران عيد غدير جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي مولانا محب علي منوري، مولانا شمر حسين جعفري، مولانا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز: عيد غدير جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

وڄوٽو پوليس جي حد سنتورو بازار جي سبزي منڊي وٽان هٿياربندن پاران ڦرلٽ

چور نفيس ننگر واسي پورهيت ڪنگهار پيل جي موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا

وڏيڪ هڪ موٽر سائيڪل نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا، شهرين ۾ مايوسي ڇانئل

ٺٽڻ ڪوٽ (رپورٽر) وڄوٽو پوليس جي حد سنتورو بازار جي سبزي منڊي وٽان نامعلوم چور نفيس ننگر واسي پورهيت ڪنگهار پيل جي موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا آهن. ڳوٺائي موجب آئون سبزي منڊي ٻاهران موٽرسائيڪل بيهاري اندر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پ ٽ الف اڳواڻ شفيع محمد سنيو جي اڳواڻي ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ قافلو سجاول پهتو

استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ مرڪزي اڳواڻ پ ٽ الف شفيع محمد سنيو جو قافلو پهتو

پ ٽ الف سجاول جي استادن گلن جي ورکا ڪئي ۽ اهرڪون پارائي اڳواڻن جو استقبال ڪيو

سجاول (رپورٽ ممتاز علي تهزيو) پ ٽ الف اڳواڻ شفيع محمد سنيو جي اڳواڻي ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ بلوڙي شاهه ڪريم کان نڪتل ٽن ڏينهن جو قافلو سجاول پهتو. استادن پاران گلن جي ورکا. استادن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ مرڪزي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ ويزا سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف سياسي سماجي تنظيمن پاران ريلي

اڳواڻن پاران ملازمن جو ويزا سسٽم ختم ڪري ۽ ڪرپٽ عملي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي گهر

هر طرف گندگي جا ڍير هجڻ ڪري شهر ڪنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي. نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز (د ر) نوشهروفيروز ۾ گندگي جو آزار ۽ ٽيڻ شهر کي ٺٽون ڊرينيج سسٽم، رينج مشين ڏيڻ جي گهر، ملازمن جو ويزا سسٽم ختم ڪري ۽ ڪرپٽ عملي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي گهر، نوشهرو فيروز ۾ ميونسپل عملي خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: سياسي سماجي اڳواڻ گندگي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو ۾ عوامي تحريڪ طرفان شهر ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

شهر جي واٽر سپلائي، ڊرينيج، بجلي جي عدم فراهمي ۽ منشيات فروشي خلاف ريلي

غني جوش پليجو سائين شمشير جنگ پليجو، ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو شريڪ

ٺٽو کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي، 30 سالن کان واٽر سپلائي اسڪيم روڙيل جو شڪار آهي: اڳواڻ

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٺٽو ۾ عوامي تحريڪ طرفان شهر ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ، منشيات فروشي ۽ ٻين سماجي برائين خلاف تتل اس ۾ احتجاجي مظاهرو، ڏڙو ۾ عوامي تحريڪ پاران شهر جي واٽر سپلائي، ڊرينيج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏڙو: عوامي تحريڪ پاران ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان تحريڪ انصاف ٺٽي
جي سينيئر قيادت پاران سوئيڊن
حڪومت خلاف احتجاج

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي سينيئر قيادت سيد امجد شاهه، هوش محمد عباسي، ذوالفقار ڳاهو، مراد ساٿي جي قيادت ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي سڏ تي پليڪار چوندي ٺٽي شهر جي مين نيشنل هاءِ وي تي شاهجهان چوڪ اڳيان سوئيڊن جي شهري پاران قرآن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بئراج ڪالوني سکر جي رهواسين پاران نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

الهه داد پرويز ۽ شهزاد ڏومڪي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ اسان جو نوجوان قتل ڪيو: وارث

نوجوان جو لاش ٽوپڻ جي مدد سان اسان هٿ ڪيو قتل جي واقعي کي خودڪشي جو رنگ ڏنو ويو

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ) بئراج ڪالوني سکر جي رهواسين مردن عورتن نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب سکر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي شاهه محمود ڏومڪي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته 17 سالا نوجوان عبدالقدير ڏومڪي کي ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن الهه داد پرويز ۽ شهزاد ڏومڪي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ نوجوان کي قتل ڪري لاش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

غوٿپور ۾ ڳوٺ مير واحد بخش خان بجاراڻي مان گم ٿيل نينگر هٿ نه آيو

گم ٿيل 12 ورهين جي نينگر مقبول ميراڻي کي حد جي پوليس بازياب ڪرڻ ۾ ناڪام

مقبول احمد ميراڻي پراسرا نموني دوڪان کان گهر ويندي رستي مان گم ٿي ويو هيو: وارث

حد جي پوليس نينگر جي بازيابي لاءِ ڪک پڇي بيٺو ناهي ڪيو، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

غوٿپور (عبدالنبي ملڪ) غوٿپور هڪ هفتو اڳ شهر پرسان ڳوٺ مير واحد بخش خان بجاراڻي مان پراسرار نموني گم ٿيل 12 ورهين جي نينگر مقبول ميراڻي کي حد جي پوليس بازياب ڪرڻ ۾ ناڪام متاثر نينگر جي والد شڪيل ميراڻي جو پنهنجي معصوم ٻارڙن سان پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج معصوم ٻار کي ترت بازياب ڪرڻ جو ته هڪ هفتو اڳ ڳوٺ مير واحد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

غوٿپور: ڳوٺ مير واحد بخش خان بجاراڻي واسي نينگر جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ سوئيڊن
جي ملڪ ۾ پاڪ ڪلام جي
بيحرمتي خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ سوئيڊن جي ملڪ ۾ پاڪ ڪلام جي بيحرمتي خلاف ٽنڊو محمد خان جي مذهبي، سياسي تنظيمن جا الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا، ڏرنا. خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سني رابطا ڪائونسل، لبيڪ يارسول الله، پاڪستان تحريڪ انصاف جي طرفان الڳ الڳ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سلطانپور ۾ سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين هٿ ۾ جهنڊا توڙي پلي ڪارڊ کڻي قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪندڙ خلاف نعرا هڻيا

احتجاجي مظاهرو ڳوٺ جلال انڌڙ اسٽاپ جي مين حسيني چوڪ تي جمعي نماز کان بعد ڪيو ويو

مسجد غوث اعظم کان ٿيندي ماڊل پبلڪ اسڪول جلال ڳوٺ تائين ريلي ڪڍي وئي، ساجاهه وند شريڪ

سلطانپور (رپورٽ:قربان علي مهر) سنڌ جي ٻين شهرن جيان سلطانپور ۾ به سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مظاهرين هٿ ۾ جهنڊا توڙي پلي ڪارڊ کڻي قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪندڙ سوئيڊن گورنمينٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرو ڳوٺ جلال انڌڙ اسٽاپ جي مين حسيني چوڪ تي جمعي نماز کان بعد ڪيو ويو مظاهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ سُني رابطا ڪميٽي پاران يوم عثمان ذوالنورين رضه جي سلسلي ۾ ريلي

داماد رسول الله عليه امير المومنين حضرت عثمان غني عليه جي شهادت جي ڏهاڙي تي ريلي

ريلي ۾ مولانا عبدالسلام شيخ، قاضي اعجاز احمد صديقي، حافظ محمد صديق ميمڻ ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

ڪارڪنن جو جلوس آبپاشي روڊ کان دعا چوڪ کان ٿيندو پريس ڪلب پهتو جيڪو ريلي جي صورت اختيار ڪري ويو

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سُني رابطا ڪميٽي پاران يوم عثمان ذوالنورين رضه جي سلسلي ۾ "تحفظ القرآن" ريليون ڪڍيون ويون: 18 ذوالحج، سخاوت جي شخصيت، ناشر قرآن، داماد رسول الله، ٽيون خليفي، امير المومنين حضرت عثمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو: سني رابطا ڪاميٽي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

سوئيڊن ۾ قرآن مجيد جي بي
حرمتي خلاف جماعت اسلامي
طرفان بدين ۾ مظاهرو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سوئيڊن ۾ قرآن مجيد جي بي حرمتي خلاف جماعت اسلامي طرفان ضلع بدين جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا بدين پريس ڪلب اڳيان ڏرنو تفصيل مطابق جماعت اسلامي طرفان بدين ضلع جي مختلف شهرن ۾ قرآن مجيد جي بي حرمتي خلاف بدين شهر سميت ضلع جي شهرن تلهار گولارچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شهدادڪوٽ ۾ پراڻي تڪرار تان هڪ ڄڻو قتل، جوابدار فرار، لاش اسپتال منتقل

هوٽل تي چانهه پيئندڙ 60 ورهين جي محمد ايوب ولد قمبر علي سولنگي قتل ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقه اسپتال شهدادڪوٽ منتقل ڪيو

اطلاعن تائين واقعي جو ڪو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ آچي سگهي

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ پراڻي تڪرار تان هڪ ڄڻو قتل جوابدار فرار لاش اسپتال منتقل، شهدادڪوٽ شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪوٽو موٽو چوڪ تي هوٽل تي چانهه پيئندڙ 60 ورهين جي محمد ايوب ولد قمبر علي سولنگي کي اڻڄاتل هٿيار بندن پسٽل جي فائر ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا واقعي بعد اطلاع تي پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڏڙو ۾ تحفظ قرآن ريلي، سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف ريلي

تحريڪ لبيڪ، جي يو آئي، پ پ، انجمن غلام مصطفيٰ، جي اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي وئي

حافظ عبدالغفور ميمڻ، مولانا منظور لغاري، مولانا حيدر ترڪ، ارباب ڪامران ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

تنظيمن ۽ شهرين پاران پڄاري پل چوڪ کان سزوڪي اسٽاپ تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ تحفظ قرآن ريلي، سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي تاريخي ريلي ڪڍي وئي، ڏڙو ۾ تحريڪ لبيڪ، جي يو آئي، پ پ، انجمن غلام مصطفيٰ، جي اڳواڻن حافظ اعجاز سومرو، ارباب وزير ميمڻ، اختر ڪچي، حافظ عبدالغفور ميمڻ، مولانا منظور لغاري، مولانا حيدر ترڪ، ارباب ڪامران/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڏڙو: تحريڪ لبيڪ پاران سوئيڊن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

جمعيت علماءِ اسلام سٽي
سکر ۽ تعلقي نيو سکر
طرفان احتجاجي مظاهرو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) : جمعيت علماء اسلام سٽي سکر ۽ تعلقي نيو سکر جي طرفان مدرسي منزل گاهه کان پريس ڪلب سکر تائين ، قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف احتجاجي ريلي، ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي جي يو آءِ سنڌ جي صوبائي اڳواڻ ۽ سٽي سکر جي امير مفتي سعود افضل هاليجوي، قاري محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو پوليس جي ناقص ڪارڪردگيءَ خلاف لکندڙ صحافي جي گرفتاري خلاف احتجاج

ايس ايڇ او گهوڙاٻاري پاران ور پريس ڪلب اندر چاهو هٽي سيد امير شاهه پاڏائي کي گرفتار ڪيو ويو

صحافين پاران سخت رد عمل اچڻ کانپوءِ صحافي جي گرفتاري ظاهر ڪرڻ لاءِ مهم شروع ڪئي وئي

پوليس صحافي کي ٻه سال اڳ داخل هڪ ڪوڙي ايف آءِ آر ۾ سيشن عدالت ۾ پيش ڪيو ضمانت منظور

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڏوهن جي روڪٿام ۾ ناڪامي ۽ پوليس جي ناقص ڪارڪردگيءَ خلاف لکندڙ ۽ شهر جي صحافي سيد امير شاهه بهاڏائي جو ڏره ٿي ويو ايس ايڇ او گهوڙاٻاري مختيار ڪلهوڙو پاران ور پريس ڪلب اندر چاهو هٽي سينيئر صحافي سيد امير شاهه پاڏائي کي ڪنهي گم ڪرڻ خلاف ٺٽي جي صحافين پاران سخت رد عمل اچڻ کانپوءِ ۽ صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 08 جولاءِ 2023ع

سنڌ ۾ خودڪشين جي واقعن ۾ ڳڻتيءَ جوڳي واڌ

سنڌ ۾ آپگهات جي واقعن ۾ خطرناڪ حد تائين واڌ ٿي وئي آهي، جنهن جا اهم سبب معاشي بدحالي ۽ بيروزگاري آهن. رڳو ڪالهوڪي ڏينهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ 6 ڄڻن پنهنجين زندگين جا ڏيئا وسائي ڇڏيا آهن. اهو تہ صرف هڪ ڏينهن جو تعداد آهي، جيڪو بہ ميڊيا تي رپورٽ ٿيو آهي، نہ تہ اصل تعداد تہ ان کان بہ گهڻو آهي، جيڪو رپورٽ ئي نٿو ٿئي. اهي واقعا سنڌ جي غربت ۽ حڪمرانن جي بيحسيءَ جا عڪاس آهن. توڙي جو هر مهيني اهڙا سوين واقعا رپورٽ ٿين ٿا، پر حڪمرانن کي ان تي ڪا بہ ڳڻتي نہ آهي، نہ ئي اهي شاهوڪار مان مفلس بڻايل سنڌ جون حالتون تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جنهن ۾ ماڻهن کي پرسڪون ۽ آسودي زندگي گذارڻ جا موقعا ميسر هجن. جو شايد انهن جو اهو خيال آهي تہ ماڻهن ئي غريب ۽ مفلس رکي، انهن تي زندگيءَ جا گس سوڙها ڪري آسانيءَ سان "بادشاهي" ڪري سگهجي ٿي.

سنڌ وسيلن سان مالا مال شاهوڪار ڌرتي آهي. پر اهي وسيلا سنڌ جي ترقيءَ ۽ عوام جي خوشحاليءَ تي استعمال ٿيڻ جي بدران ڪرپشن جي بليڪ هول حوالي ٿي رهيا آهن. هتي زندگيءَ جي اذيت ايتري تہ سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي، جو ماڻهو زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. توڙي جو ڪنهن بہ تشريح ۽ تاويل سان خودڪشيءَ کي حقي واجبي ۽ جائز قرار نٿو ڏيئي سگهجي، پر ان مان اها ڳالهہ ضرور ثابت ٿي سامهون اچي ٿي تہ سنڌ ۾ زندگيءَ جي اذيت موت کان بہ وڌيڪ وئي آهي. خودڪشين جي انگن اکرن کي ڏسبو تہ اها ڳالهہ چٽي ٿي سامهون ايندي تہ خودڪشين جا گهڻا واقعا ٿر ۽ لاڙ ۾ ٿي رهيا آهن. جتي غربت ۽ اڻهوند تمام گهڻي آهي ۽ ٿر ۾ بہ اهي واقعا ڪولهين، ڀيلن ۽ ٻين جاتين ۾ گهڻا ٿي رهيا آهن، جيڪي معاشي طور تي تمام گهٽيون پوئتي پيل آهن. لاڙ ۾ بہ غربت جي ريشما جوان ٿي چڪي آهي. سنڌ ۾ هڪ ئي سياسي جماعت جي حڪمراني ڏيڍ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصو رهي آهي پر ان دوران سنڌ جون معاشي حالتون بهتر ٿيڻ ۽ ترقيءَ جي بدران تنزل جي پيچرن تي هلنديون رهيون آهن. حڪمران سنڌ مان غربت ۽ معاشي بدحالي ختم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. غربت ۾ گهٽتائيءَ جي خبر ماڻهن جي قوتِ خريد وڌڻ مان پوندي آهي ۽ قوتِ خريد تڏهن وڌندي، جڏهن روزگار وڌندو. مڃيون ٿا تہ حڪومت سڀني نوجوانن کي نوڪريون نٿي ڏئي سگهي پر روزگار جا موقعا تہ مهيا ڪري سگهي ٿي! روزگار جا موقعا نوجوانن کي ڪاروبار لاءِ بنا وياج قرض ڏيڻ. صنعتي انفراسٽرڪچر قائم ڪرڻ سان مهيا ٿي سگهن ٿا. اڳ ۾ ئي موجود صنعتن ۽ ادارن ۾ مقامي ماڻهن جي روزگار جي حق جي تحفظ کي بہ يقيني بڻائڻو پوندو. تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ دنيا ۾ جديد گهرجن آڌار تعليم جا موقعا ڏيڻا پوندا پر حڪومت کي انهن ڳالهين جي ڪهڙي پرواهہ! مڃيون ٿا تہ خودڪشين جو هڪ سبب نفسياتي آهي، پر اها پڻ حقيقت آهي تہ ان جا بنياد بہ تہ معاشي آهن. ماڻهو معاشي مسئلن ۾ الجهي، محرومين ۾ وڪوڙجي جڏهن ذهني مريض ٿين ٿا تہ انهن جي علاج لاءِ بہ سنڌ ۾ ڪيترين سرڪاري اسپتالن ۽ صحت مرڪز آهن. جن ۾ نفسياتي ۽ ذهني بيمارين جي علاج جون سهولتون عوام کي ميسر آهن. جن ۾ ذهني ۽ نفسياتي بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر مقرر آهن؟ سنڌ جي نوجوانن ۾ حد درجي جي مايوسي ۽ نراسائي ڦهليل آهي ۽ انهن کي سماج ۽ سسٽم تي جيڪا ڪاوڙ آهي، ان جو هن نموني اظهار ٿي رهيو آهي.

ڪو زمانو هو، جڏهن نظرياتي سياست ڪندڙ پارٽيون نوجوانن جي تربيت ڪنديون هيون. تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ نوجوانن کي پنهنجي جدوجهد سڦل لڳندي هئي. سياست عارضي مفادن سان سلهاڙيل نہ هئي. پر هاڻي تہ اهڙي سياست ڪندڙن جا نسل بہ ناياب ٿي ويا آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ نراسائيءَ جنم ورتو آهي ۽ نوجوان سسٽم خلاف پنهنجي ڪاوڙ ائين زائل ڪري رهيا آهن ۽ نہ ئي وري سياست ۾ اهي جهونا جوڳي رهيا آهن. جيڪي عوامي ڪاوڙ جي چڻنگن کي سهيڙي ٻنيت پڙڪائڻ واري آرٽ کان آشنائي رکندا هئا. هاڻي تہ سنڌ جڻ تہ نڌڻڪي آهي. سنڌ ۾ آپگهات جي وڌندڙ واقعن جا گهڻي ڀاڱي سبب معاشي آهن. جيستائين معاشي حالتون بهتر نٿيون ٿين، تيستائين خودڪشين جي انگ ۾ گهٽتائيءَ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي.

حڪمران طبقن جو استحصالي ڪردار

سارنگ امر

تنشي موجب: "ڪنهن خوفناڪ اونهي کاهي بنا ڪي بہ خوبصورت مقاچرانہ ٿيندا آهن." گهڻا ماڻهو مايا جي ڊوڙ ۾ اهو سوچي ئي نہ سگهندا آهن. مثال طور عمران خان. مختلف ٽڪن تي ننڍيون چونڊون کٽڻ بعد وڏين چونڊن ۾ نہ بيهي سگهڻ هن لاءِ موت جهڙي محرومي آهي. 9 مئي کان اڳ تہ هو اهو تصور ئي ڪري نہ پئي ڪري سگهيو. ڪماندارن خلاف زبان ڪٽنچي وانگر هلائڻ وقت هو انجام جو نہ سوچي سگهيو يا ڪيس پرڏيہ ۾ پنهنجي شهرت ۽ لاڳاپن تي ٻانور هو. سندس سائٽ اڃا ڪم ڪري پئي جو ڪورٽون ڪيس ضمانت تي ضمانت ڏئي رهيون آهن. هڪ گهاگ صحافيءَ جي لفظن ۾ هو desperate آهي يعني بيباڪ. ٻين لفظن ۾ يا ڪرسي يا موت. بهرحال اها حقيقت آهي تہ سندس زبان درازيءَ ئي 9 مئي جي واقعن وارو ماحول ناهيو.

ڪنهن خوفناڪ کاهيءَ جو ڊپ آهي يا پاڪستان جي سڀ ملڪيت کائي چٽ ڪرڻ جي لالچ، جو نون ليگ حڪومت ۾ رهڻ لاءِ هر قوت سان ٽڪرائڻ جو پڪو پہ ڪيو آهي. نون ليگين عزم ڪيو آهي تہ ڪين چونڊن کي پوئتي ڪرائڻو پئي يا انجنيئرنگ، پاڻ پوئتي نہ هٽندا. شروع ۾ سيٺي حڪومتي اتحادي اشارو ڏئي رهيا هئا تہ چونڊن کي دير ٿيندي پر پوءِ اهو تاثر گهٽجندو ويو. پ پ چوڻ شروع ڪيو تہ چونڊون آئين ۾ ڏنل وقت تي ٿينديون. سنڌ ۾ پ پ جي اڪثريتي سيٽون يقيني آهن. ڪي پي ۾ امڪان آهن تہ پرويز خٽڪ گروپ پ پ سان ڪنهن ناهہ تي پهچي، اتي اي اين پي ۽ جي يو آءِ سان تہ پ پ جو اتحاد سولائيءَ سان ٿي ويندو. سو امڪان آهن تہ اتي اهڙي اتحادي حڪومت ٺهي. پر اهو سڀ گرين سگنل سان مشروط آهي. بلوچستان ۾ ليگ سان گڏجي پ پ حڪومت ناهي سگهي ٿي پر معمول موجب ان کي ڪمزور رکيو ويندو. پنجاب ۾ پ پ کي آسرو آهي تہ ڪيس قومي اسيمبليءَ جون سورنهن سترنهن سيٽون ملي وينديون ۽ صوبائي اسيمبليءَ ۾ جوڙ توڙ واري ڪجھ طاقت ملي ويندي، پر اتي پ پ کي حڪومت ناهڻ جو آسرو ناهي. سو وفاق ۾ پ پ حڪومت جا خواب ڪيئن ٿي ڏسي!

سياست حقيقت جي دنيا ضرور آهي پر وڌيڪ درست هيئن آهي تہ سياست خوابن ۽ پوءِ انهن کي تعبير ڏيڻ جو فن آهي ۽ انهيءَ ۾ سوچ جو ست هوندو تہ ڪافي ڪجھ ٿي سگهي ٿو. جيئن تہ پ پ جي ۾ ذهن آهي. انڪري ماڻهو اندازو لڳائي رهيا آهن تہ ايندڙ وزيراعظم بلاول ٿيندو. ان اندازي کي ٽيڪ ڏيڻ واري حقيقت هيءَ آهي تہ شهباز حڪومت مهانگائي ۽ آءِ ايم ايف جي شرمناڪ شرطن جهڙوڪ ٻارڻ جي ڪير جي هڪ ڏهي تي بہ 100 رپيا نئين ٽيڪس هڻڻ واري اطاعت ڪرڻ سبب شهباز جي بدنامي آهي. پر سوال اهو ڪيو ويندو تہ ان حڪومت ۾ تہ پ پ وارا بہ آهن.!؟ عوام کي حق ڏيڻ ڪنهن جي بہ پروگرام يا ايجنڊا ۾ ناهي. پنجاب ۾ عمران جي پارٽيءَ جي امڪاني عدم موجودگي پ پ کي فائدو ڏئي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ نوٽ ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ راولپنڊيءَ ۾ بہ پ پ کي ماڻهو مليا آهن. ووٽرن جا ڪهڙا لاڙا آهن. ان جو اندازو چونڊ مهم دوران ئي ٿي سگهي ٿو. هڪ ڳالهہ البت طئہ آهي تہ پنجاب ۾ پ پ جي اهڙي اڪثريت نہ سني ويندي. جيڪا اڳي نون ليگ کي ڏني وئي هئي. ان جو سبب پ پ خلاف ڪرپشن واري پروپيگنڊا گهٽ پر آمريت سان مهاڏو اٽڪائڻ وارو ماضي وڌيڪ آهي. پ پ اڄ تائين آمريت پسندن کي ايتري حد تائين کٽڪي رهي آهي. اڄڪلہ پ پ لاءِ مهاڏو اٽڪائڻ کان وڌيڪ مفاهمت واري سچائپ ڦهليل آهي. پرحقيقت ۾ اها حد کان وڌ مصلحت آهي. 90 واري ڏهاڪي ۾ ارباب کهاوڙ جا لفظ هئا تہ: جڏهن پورهيت طبقو سياسي ميدان ۾ نمايان ٿيندو تہ ان خلاف امير طبقي جا سمورا عيوضي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي ويندا. هيءَ عجيب ڳالهہ آهي تہ مفاهمت واري مهم گهڻو اڳ شروع ڪئي وئي آهي. ميثاق جمهوريت تہ آمريت خلاف هو پر اڄڪلہ جي مفاهمت ٻي آهي. سرمائيدارن جا سمورا عيوضي representativesگڏ نہ ٿيا آهن پر پي ڊي ايم برقرار آهي. پر چونڊ مهم دوران اهو اتحاد چيهون چيهون ٿي سگهي ٿو. چو تہ نون ليگ کي پنجاب ۾ سيٽ ايڊجسٽمنٽ زهر ٿي لڳي، خاص طور پ پ سان.

پارٽين چونڊن جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. پران کان اڳ شهباز ميثاق معيشت چاهي ٿو. ان جو مطلب آهي تہ سڀ سياسي ڌريون ۽ اسٽيڪ هولڊر هلندڙ معاشي پاليسين ۽ آءِ ايم ايف وارن اپائن تي منظوريءَ جي مهر هڻن. شهباز جو تہ اهو ڪارنامو ٿي ويندو پر پ پ بہ اهو چاهي ٿي. ان هوندي جو بلاول چيو آهي تہ: اٿو، لٿو، اڄهو پ پ جو منشور آهي. عجيب آهي. اهو هڪ انقلابي نعرو آهي ۽ هاڻوڪي حڪومت جي پاليسين ۾ اهو بہ شامل آهي. جن ۾ ملڪي ادارا، اسٽيل مل، پي آءِ اي وڪرو ڪرڻ بہ شامل آهي. جنهن جو ٻيو نالو نجڪاري آهي. پرڏيہ مان قرض اٿڻ، پرڏيهي سيڙپڪارن جي شرطن تي ملڪ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري بہ. ان هوندي جيڪڏهن عملي طور بہ منشور اٿو لٿو، اڄهو آهي تہ بهتر. پر اها وضاحت ڪئي وڃي تہ اهو سوشلزم کان ڪيئن مختلف آهي. جڏهن تہ سوشلزم جي سڪي جو ٻيو پاسو سرڪاري صنعتن وارو آهي.

هتي هر ڪو شديد ملڪي معاشي بحران تي ماتم ڪندي ان جي حل جي تمنا اظهاري رهيو آهي پر سوشلزم کان ڇرڪي رهيو آهي. باوجود ان جي تہ ڪرپشن هجي، غربت، انتهاپسندي، دهشتگردي، سامراج جي غلامي، سڀ جو سبب سرمائيداري آهي. جيڪڏهن مسئلن جو حل سرمائيداريءَ جي اندر ڳوليو ويندو تہ پوءِ اهو حل آءِ ايم ايف جي صورت ۾ ملندو يا وري چين جي نئين غلاميءَ ۾.

بلاول ٿي هڪ ٻي بہ بحث جوڳي ڳالهہ ڪئي آهي تہ هي سرد جنگ جي طرز جي بلاڪ سياست جو وقت ناهي. هن سوال جي جواب ۾ تہ ڇا آمريڪا جي پيٽ ۾ چين ۽ روس سان ويجها لاڳاپا رهندا؟ اهو جواب ڪم اچي سگهي ٿو. پر حڪمرانن آمريڪا جا پير پڪڙيا تہ آءِ ايم ايف کي سفارش ڪري تہ قرض ڏيڻ تي راضي ٿئي. پاڻ اهو آءِ ايم ايف ڇا امريڪا جو ناهي؟ ان کان سواءِ پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران سان ڇو لاڳاپا سرد مهريءَ وارا رکيا ويا آهن؟ رڳو انڪري تہ اهو آمريڪا کي ناپسند آهي.

هتان جي حڪمران طبقي کي غلاميءَ جي لت لڳل آهي. ان جو هي بہ تہ سبب آهي تہ اهو طبقو يعني امير طبقو ماڻهن جا حق لتاڙي، عوام جا خزانا پرڏيہ ۾ لڪائي ٿو ۽ چاهي ٿو تہ عوام دهشت ستيل رهي.

ان تي سدائين يعني جمهوري دور ۾ بہ هٿيار بندن کان ڊپ ۾ رهي، سي آءِ اي کان ڊنل ۽ خاموش رهي. البت بلاڪ سياست ۾ هاڻي اهڙي ايڊ نہ ملندي. جهڙي سرد جنگ ۾ پاڪستان کي ملندي هئي. سو هاڻي ٽريڊ اوور ايڊ بهتر آپشن آهي. پر اهو بہ هن ڪيس ۾ شايد ئي ڪم اچي. چو تہ ان لاءِ بہ ساک گهرجي. عقلمند لاءِ اشارو ڪافي.

جيستائين عوام جي پنهنجي حقن جي سلسلي ۾ جذبن جو واسطو آهي تہ اهو. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ هنن کي سچائي ٿو. ڀٽائيءَ چوائي:

ڪنيس ڪويڄن، تن طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڄن، ڀاڻان ڏيل ڏکوئيو.

*****

ماڪَ ڀِڃايَنِ مولِهيا، مَتان راتِ پَئِي؛
اوِليون اُڃَهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجَهہ وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهِي، ڪَڏَهِن ڪونہ آئِيو

قرآن پاڪ جي بي حُرمتي ۽ حڪمرانن جي خاموشي

مير ذوالفقار چانڊيو

اسلام هڪ امن پسند مذهب سان گڏ ٻين مذهب جي ريتن روايتن رسمن توڙي انهن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو پر افسوس تہ اسلام جي امن پسند پيغام کي اولهہ جي ملڪن هميشہ ڪمزوري سمجهي مسلمانن کي تڪليفون ڏيڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي اڪثر اولهہ جا ملڪ اسلام خلاف سازشون ڪندا رهن ٿا جيڪي سازشون تاريخ جو حصو آهن. خاص ڪري انهن ملڪن ۾ ڪڏهن امن پسند مذهب اسلام تي تنقيد تہ ڪڏهن وري مسلمانن جي آقا آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ گستاخي ڪري خاڪا تيار ڪيا ويندا آهن تہ ڪڏهن وري اولهہ جي ملڪن اندر سرڪاري سطح تي آخري نبي صلي الله عليہ وسلم جن جي توهين ڪري مسلمانن کي روئاري ڇڏيندا آهن تہ ڪڏهن وري مسلمانن سان نارواورتاءُ ڪري ڪين انساني حقن کان محروم بڻائي ڪين قيد بڻايو ويندو آهي. آمريڪا، ڊينمارڪ، هالينڊ، برما، شام، فلسطين، فرانس، ڄمون ڪشمير سوئيڊن ۾ ڪڏهن مسلمانن جي آقا مديني واري سائين جي توهين تہ ڪڏهن وري مسلمانن جي پاڪ ڪتاب قرآن جي بي حُرمتي تہ ڪڏهن وري مسلمانن تي سخت تشدد ڪري ڪين مختلف سزائون ڏنيون وڃن ٿيون پر افسوس تہ هاڻي تازو مسلمانن جي وڏي عيد ڏهاڙي سوئيڊن ملڪ اندر سرڪاري سطح تي مسلمانن جي پاڪ ڪتاب قرآن پاڪ جي بي حُرمتي ڪري سرعام ان کي ساڙيو ويو آهي جيڪو دنيا اندر مسلمانن جي جذبن کي مجروح ڪري ڪروڙين مسلمانن جي دل ڏکايو آهي سوئيڊن اندر ٿيل اهڙي واقعي جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي پر افسوس آهي تہ هميشہ اظهار جي آزادي تي يقين رکندڙ انساني حقن تي وڏا وڏا ليڪچر ڏيندڙ اولہ جا ملڪ وقفي وقفي سان اسلام خلاف وڏي سازش پروپيگنڊا ڪري مسلمانن کي تڪليف پهچائيندا آهن؟ ڇا انهن جي مذهبن اندر امن پسند جي جڳهہ تي انتهاپسندي جو سبق لکيل آهي يا وري هُوجائي واٺي مسلمانن کي نقصان پهچائڻ جي سازش ڪندا رهن ٿا.

هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ اولهہ جا ملڪ هميشہ مسلمانن جي آقا ۽ انهن جي پاڪ ڪتاب قرآن پاڪ جي بي حُرمتي ڇو ڪندا آهن؟ اولهہ جي ملڪن اندر بار بار اهڙن واقعن مان ائين محسوس ٿيندو آهي تہ اُهي ملڪ انتهاپسندي کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ اهڙا واقعا سرانجام ڏيندا رهن جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ انتهاپسند مسلمان نہ پر اولهہ جا اُهي ملڪ آهن جيڪي بار بار اهڙا ڪم ڪري مسلمانن جا جذبات مجروح ڪندا رهن ٿا. حقيقت ۾ هي واقعو پهريون دفعو نہ پر ساڳئي سوئيڊن ملڪ ۾ ڪافي دفعا سرڪاري سطح تي پاڪ ڪتاب قرآن مجيد جي بي حرمتي ڪئي وئي آهي سوئيڊن ۾ پاڪ ڪتاب قرآن پاڪ جي بي حُرمتي ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي ملڪ وارا قرآن پاڪ کان هارائي ويا آهن. سندن شڪست مقدر بڻجي وئي آهي. جيئن قرآن پاڪ جي هڪ چيلينج آهي تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ قرآن پاڪ جي مقابلي ۾ ڪا هڪ آيت آڻي ڏيکاريو اهڙي چيلنج جو مقابلو ڪرڻ بجاءِ اولهہ جا ملڪ شڪست تسليم ڪري بار بار قرآن پاڪ جي توهين ڪري رهيا آهن. غير مسلم قرآن پاڪ کي ساڙي تہ سگهن ٿا پر ڪروڙين مسلمانن جي دلين ۾ سمايل قرآن پاڪ جي آيتن سورتن کي ڪيئن ختم ڪري سگهن ٿا سندن اهڙي سازش اڳ جيان هاڻي بہ ناڪام ويندي.

ايڏي وڏي افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ پاڪستان جا حڪمران صرف مذمت ۽ احتجاج تائين محدود آهن وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف طرفان اڄ سرڪاري سطح تي سڄي ملڪ اندر اهڙي واقعي خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ يوم القرآن جو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان کان علاوه ڪافي مذهبي توڙي سياسي پارٽين پاران ملڪ اندر سوئيڊن خلاف پرامن احتجاجي مظاهرا ٿي رهيا آهن. حقيقت ۾ احتجاجي مظاهرا ڪرڻ جو ڪو خاص فائدو ناهي بس وقت جي حڪمرانن کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي اسلام جي دشمنن اڳيان سينو تاڻي مقابلو ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن اڳتي جي لاءِ اهڙي قسم جا واقعات بند ٿي سگهن پر افسوس تہ پاڪستان سميت اسلامي دنيا جا 56 ملڪ نالي ماتر احتجاجي مظاهرا ڏرڻا ڪري بس پنهنجو فرض ٿا پورو ڪن باقي مسلمان ملڪن طرفان عملي جدوجهد ڪري گستاخ رسولن کي ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ ڪير بہ تيار ناهي.

ماضيءَ وانگر اڄ ڪلهہ جي موجوده حالتن ۾ اسلامي ملڪن اندر وڏي تعداد ۾ سوئيڊن واقعي خلاف عوام روڊن تي نڪري احتجاجي مظاهرا ڌرڻا ڏئي رهيا آهن. پاڪستان سميت دنيا جي سڀني اسلامي ملڪن کي گهرجي تہ هڪ دفعو ڀرپور احتجاج ريڪارڊ ڪرائي اولہ جي ملڪن کي پيغام ڏين تہ اسلام امن پسندي سان گڏ غيرت جوش ايماني جو درس ڏيندو آهي مسلمانن جي امن پسندي کي ڪمزوري نہ سمجهيو وڃي. مسلمان پنهنجي آقا ۽ پاڪ ڪتاب قرآن خاطر مري تہ سگهن ٿا پر جهڪي نٿا سگهن يا وري سڀني اسلامي ملڪن کي گهرجي تہ گستاخ ملڪن سان هميشہ جي لاءِ راهون جدا ڪري سچي مسلمان ملڪ هجڻ جو ثبوت ڏيندا جيڪڏهن هينئر بہ مسلمان ملڪ سجاڳ نہ ٿي سگهيا تہ ايندڙ حالتن ۾ مسلمان ملڪن کي وڌيڪ نقصان پهچي سگهي ٿو هن وقت مسلمانن جي ايمان جو مسئلو آهي تہ اُهي پاڪ ڪتاب قرآن جي بي حُرمتي تي ڪهڙو ۽ ڪيترو ردعمل ظاهر ڪري سگهن ٿا يا وري نوجوانن کي گهرجي تہ ٽوئيٽر تي ٽرينڊ هلائي اهڙن واقعن کي روڪڻ جي لاءِ وس آهر ڪوشش ڪن تہ ڪجهہ بهتر نتيجا نڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 01

هڻڻ جو اعزاز بہ حاصل آهي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جسٽس مسرت هلالي کي سپريم ڪورٽ جي جج جو حلف کڻايو مسرت هلالي جي حلف کڻڻ سان سپريم ڪورٽ جي ججز جو انگ 16 ٿي ويو حلف برداري جي تقريب ۾ اٽارني جنرل منصور عثمان، لا آفيسرز ۽ وڪيل بہ شريڪ ٿيا

بقايا *** 02

واري درخواست منظور، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج همايون دلاور توشہ خانہ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي اڄ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل بيرسٽر گوهر عدالت ۾ پيش ٿي ساٿي وڪيل خواجا حارث جي مصروفيت سبب حاضريءَ کان ڇوٽ جي استدعا ڪئي، اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز مخالفت ڪندي چيو تہ پي ٽي آءِ چيئرمين عدالت جو وقت ضايع ڪري رهيو آهي، جاچي واٽي ڪيس جي ڪارروائي کي دلي ڪيو پيو وڃي، عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي

بقايا *** 03

ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ شهرين ريليون ڪڍيون ۽ سويڊن ۾ پيش آيل واقعي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ڪراچي ۾ مذهبي جماعتن ۽ شهرين طرفان جمع جي نماز ڪانپوءِ ريليون ڪڍيون ويون، ڪوئيٽا ۾ مذهبي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن احتجاج ڪيو اسلام آباد، خيبر پختونخواهہ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ ن ليگ، تحريڪ انصاف، جمعيت علماءِ اسلام ۽ جماعت اسلامي سميت ٻين جماعتن طرفان احتجاج ڪيو ويو شهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ سويڊن جي سفير کي طلب ڪري پاڪستان طرفان ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرايو وڃي، او آءِ سي جو اجلاس طلب ڪرڻ سان گڏ سويڊن جي سفير کي ملڪ بدر ڪيو وڃي، جڏهن تہ سويڊن جي شين جو بائيڪاٽ بہ ڪيو وڃي.

بقايا *** 04

چيلهار جي ڳوٺ پوريلو ۾ رات دير سان وسڪاري دوران وڄ ڪرڻ سبب 27 ٻڪريون مري ويون ٿر ۾ وڄ ڪرڻ جي ڪري 212 ٻڪريون، ڊڳيون، اٺ مري ويا ۽ هڪ ماڻهو بہ زخمي ٿي پيا، ڳوٺ لونڊيار ۾ 5 ٻڪريون، ڳوٺ ڦلاڻو ۾ 29 ٻڪر، ڳوٺ ناهو مجن ۾ 8 ٻڪريون، ڳوٺ ڏليان ڇهو ۾ 3 ٻڪريون مري ويون، اميت ولد چندو زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي ۾ تيز برسات جا امڪان آهن، لاڙڪاڻو، ٺٽو، ٿرپارڪر، ميرپور خاص، سانگهڙ ۽ بدين ۾ بہ ڪٿي هلڪي تہ ڪٿي تيز برسات پونديڪراچي ۾ تيز هوائن سان برسات جي امڪان سبب سول ايوئيشن اٿارٽي جا هنگامي اپاءَ ورتا پيا وڃن، هلڪي وزن جي جهازن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

بقايا *** 05

ٺئي ڪيل قيمت ڏيارڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي آصف زرداري ڦٽي جي قيمت بابت وفاق سان احتجاج ڪيو هو سنڌ جي زراعت واري وزير منظور وسان آصف زرداري جي هدايت تي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي زراعت کاتي جو چوڻ آهي تہ هارين کي فيڪٽري کان مقرر ڪيل قيمت نہ ملڻ جون شڪايتون آهن سنڌ جي آبادگارن کي مقرر قيمت ڏيڻ لاءِ هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 06

توانائي، گوادر جي پورٽ جي ترقي، صنعتي تعاون شامل آهي بحريہ يونيورسٽي ۾ ڪرٽايل سي پيڪ سيمينار کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو تہ 10 سال اڳ 5 جولاءِ 2013 تي جنهن رٿا جي شروعات ڪئي هئي اڄ ان سڄي ملڪ ۾ لکين ماڻهن کي روزگار جا موقعا، رستن، توانائي سميت مختلف شعبن ۾ ترقي جي رفتار کي تيز ڪيو پاڪستان ۽ چين جي قيادت جي ڊگهي نظر سبب سي پيڪ وڏي ترقي ڪئي چيني صدر شي جن پنگ جي پاڪستان جي دوري ۾ گوادر، توانائي ۽ صنعتي ترقي تي اتفاق ٿيو سي پيڪ رٿائن جي روشني ۾ 11 ورڪنگ گروپ قائم آهن هن چيو تہ گوادر پورٽ جي تعمير ۽ ترقي ۾ خاص ڪاميابيون مليون اڄ پورٽ مڪمل فعال آهي. گوادر هوائي اڏو، اسپتال، سامونڊي پاڻي کي پيئڻ جي قابل بنائڻ جو پلانٽ ۽ ٻيا منصوبا بہ تعمير ٿيا

بقايا *** 07

تائين ڀرپور احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جن کي مرڪزي، صوبائي ۽ مقامي اڳواڻن خطاب ڪيو جڏهن تہ عالم سڳورن جمعي جي خطبات ۾ ان واقعي جي شديد مذمت ۽ قراردادون پڻ پاس ڪيون ويون. ان سلسلي ۾ صوبائي امير محمد حسين محنتي پلان مسجد ليهاري، جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ جناح باغ لاڙڪاڻو، نائب امير ممتاز حسين سهتو خيرپورميرس، حافظ نصرالله چنا ڪنڌڪوٽ، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالحفيظ بجاراڻي، ضلعي امير حاجي ديدار لاشاري ٽل، زبير حفيظ، ايڊوڪيٽ سلطان لاشاري سکر، عبدالقدوس احمداڻي عثمان شاهہ هُوي ٽنڊوالهيار، آفتاب ملڪ، الطاف ملاح جهرڪ ٺٽو جڏهن تہ سيد علي مردان شاهہ، الله بچايو هاليپوٽو، عبدالڪريم بليدي، فتح خان ڪوسو ۽ موسيٰ ملاح بدين ۾ رئيل مظاهرن کي خطاب ڪيو مظاهرين کي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کنيل هئا جن تي سوئيڊن جي سفير کي ملڪ نيڪالي ۽ توهين ڪندڙن ملعون کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو جڏهن تہ مظاهرين آپ ڏاريندڙ نعرا پڻ هڻي رهيا هئا. صوبائي امير محمد حسين محنتي ليهاري ڪراچي ۾ رئيل مظاهري کي خطاب ڪندي چيو تہ سوئيڊن حڪومت پاران مسلمانن کان معافي وٺڻ تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو، اسلامي ملڪن پاران سرڪاري سطح تي ڀرپور ردعمل اچڻ گهرجي. مغرب جو پنهنجو نظام بُري طرح سان ناڪام ٿي چڪو انڪري اسلام، قرآن ۽ حضور جن کي ٽارگٽ بڻايو پيو وڃي، سڄي دنيا جا اسلامي ملڪ سوئيڊن سميت گستاخ ملڪن جي سفيرن کي ڏيهہ نيڪالي ڏئي غيرت جو مظاهرو ڪن صرف ميڊيا ذريعي مذمت ناڪافي آهي، مغربي ملڪ ڪافي عرصي کان قرآن پاڪ، حضور ۽ اسلام جي پاڪ هستين جي توهين ڪري رهيا آهن. مسلمانن مٿان دهشتگردي جو ليبل لڳائڻ وارا خود سڀ کان وڏا مذهبي دهشتگرد ثابت ٿيا آهن، اهڙي قسم جا واقعا دنيا جي امن کي تباهہ ڪرڻ برابر آهن. افسوس جو مقام آهي تہ اسٽاڪ هوم ۾ عدالتي ۽ رياستي آشيرواد سان ملعون قرآن پاڪ کي شهيد ڪير جنهن کي پوليس پروٽوڪول ۽ تحفظ فراهم ڪيو ويو. اسلام آباد ۾ فوري طور سوئيڊن جي سفارتخاني کي بند ۽ سفير کي ملڪ بدر ڪيو وڃي چو تہ قرآن پاڪ اسان جي ريڊ لائن آهي جنهن جي گستاخي هرگز برداشت ڪونہ ڪنداسين. هوڏانهن لاڙڪاڻي ۾ صوبائي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ، ضلعي امير قاري ابو زبير جکرو جي اڳواڻي ۾ جناح باغ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي ڪاشف سعيد شيخ چيو تہ سوئيڊن حڪومت جي ٻنيرائي سان قرآن پاڪ جي شهادت واري نفرت انگيز واقعي جي مذمت ڪريون ٿا، نفرت ۽ تعصب تي ٻڌل ان حرڪت سڄي دنيا جي مسلمانن جون دليون رنجايون آهن، حڪومت گڏيل قومن ذريعي آئنده ان قسم جي ناپاڪ حرڪتن کي روڪڻ لاءِ ٻين مسلمان ملڪن سان گڏجي سخت قدم کڻي سڀئي اسلامي ملڪ ان قسم جي حرڪتن خلاف هاڻي اُٿي کڙا ٿين. ڪنڌڪوٽ ۾ صوبائي نائب امير حافظ نصرالله چنا، ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميراڻي مظاهري کي خطاب ڪندي چيو تہ عيد جي ڏهاڙي تي پاڪ ڪتاب جي بي حرمتي سان دنيا جي بہ ارب مسلمانن جون دليون زخمي ڪيون ويون آهن ۽ سمورو عالم اسلام هن وقت سراپا احتجاج بڻيل آهي. خيرپور ۾ نائب امير ممتاز حسين سهتو، ثناالله جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي ممتاز حسين سهتو چيو تہ آزادي اظهار جو هرگز اهو مطلب ڪونہ آهي تہ مقدس ڪتابن ۽ پاڪ هستين جي توهين ڪئي وڃي واقعي ۾ ملوث ملعون کي سخت سزا ڏئي عبرت جو نشان بڻايو وڃي سڀئي اسلامي ملڪ گڏجي اسلاموفوبيا جو مقابلو ڪن تہ جيئن آئنده اهڙي قسم جي واقعن کي روڪي سگهجي. اهڙي قسم جي واقعن ذريعي مسلمانن جي دل آزاري کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونہ آهي جيڪي عالمي انساني حقن جي سراسر خلاف ورزي آهي، اسلام امن ۽ رواداري جو دين آهي عالمي برادري کي بہ اسلاموفوبيا ۽ عدم برداشت خلاف يڪراءِ موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. ڪوبہ مسلمان پاڪ ڪتاب ۽ مقدس هستين جي توهين برداشت نٿو ڪري سگهي. دنيا اسان کي پهلي انتهاپسند چئي، پر اسين قران پاڪ ۽ نبي پاڪ جي توهين هرگز برداشت ڪونہ ڪنداسين. بحشيت مسلمان اسان سڀني الهامي ڪتابن ۽ انبياءِ عليہ السلام جي احترام تي يقين رکون ٿا. هوڏانهن ٺل جيڪب آباد ۾ صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالحفيظ بجاراڻي، ضلعي امير حاجي ديدار لاشاري، سکر ۾ ضلعي امير ايڊوڪيٽ سلطان لاشاري، مقامي امير زبير حفيظ، سيد نظام الدين شاهہ، شڪارپور ۾ ضلعي امير عبدالسميع شمس ڀٽي، ٽنڊوالهيار ۾ صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي، بدين ۾ ضلعي امير سيد علي مردان شاهہ، دائود شاهہ گيلاني، الله بچايو هاليپوٽو، فتح خان ڪوسو، عبدالڪريم بليدي، محمد موسيٰ ملاح، ٽنڊو آدم ۾ مشتاق عادل، فيصل غفور، علام راشد مدني، مفتي طاهر مڪي، مولانا عثمان سمون، فيض محمد ڏيرو، جهرڪ ٺٽو ۾ مولانا آفتاب ملڪ، الطاف ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جڏهن تہ قمبرشهدادڪوٽ، ڪنڊيارو ۽ دادو سميت مختلف شهرن ۾ پڻ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جن کي مقامي اڳواڻن خطاب ڪيو.#

بقايا *** 08

ڏيکاريندو، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ هلندڙ سال وڌيڪ بهتري آندي وئي آهي، عوامي فلاحي منصوبي جو خواب محترما بينظير ڀٽو ڏٺو هو آصف علي زرداري ۽ سندس ٽيم ان خواب کي عملي روپ ڏنو وزيراعظم شهباز شريف اسلام آباد ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي تقريب کي خطاب ڪندي وڌيڪ چيو تہ شازيہ مري ۽ سندس ٽيم کي پروگرام ۾ بهتري آڻڻ تي خراج تحسين پيش ڪيان ٿو هن چيو تہ بي آءِ ايس پي تحت متاثرن کي ملندڙ رقم تعليم کي هٿي ڏيڻ تي بہ خرچ ٿيڻ گهرجي، گذريل سال 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو ٻوڏ سبب متاثر ٿيا، اميد آهي تہ جلد پاڪستان پنهنجي پيرن تي بيهندو بي آءِ ايس پي جي چيئرپرسن ۽ وفاقي وزير شازيا مري چيو تہ بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ پهريون ڀيرو خواجہ سرائن کي بہ شامل ڪيو پيو وڃي، پرگرام تحت هاڻي تعليمي وظيفو ڏيڻ جو سلسلو بہ شروع ڪيو آهي، بي سهارا عورتن کي بااختيار بڻائڻ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو

بقايا *** 09

هن وڊيو بيان ۾ لڳايا آهن جيڪو ٽوئيٽر تي جاري ڪيو ويو آهي حريم شاهہ الزام هنيو آهي تہ فضل الرحمان هم جنس پرستي جو پيروڪار آهي، هن مولانا خلاف وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪئي آهي.

بقايا *** 10

جاري ڪيل پڌرائي موجب وزيراعظم اسلام آباد ۾ افتتاحي تقريب جو خاص مهمان هو تقريب ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير بہ موجود هو پڌرنامي موجب ايل آءِ ايمز جي قيام جو مقصد فوڊ سيڪيورٽي ۽ زرعي برآمدات کي وڌائڻ ۽ درآمدات ۾ گهٽتائي ڪري قومي ناڻي تي بار گهٽائڻ آهي، پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي تہ ملڪ اندر ڪروڙين غير آباد زمينن کي ايل آءِ ايم سي تحت پرکيو ويندو اعلان ۾ چيو ويو آهي تہ ليمز تحت زرعي پيداوار کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي وڌ کان وڌ وڌايو ويندو بيان ۾ چيو ويو تہ ورلڊ فوڊ آرگنائيزيشن موجب 36.9 سيڪڙو پاڪستاني خوراڪ جي عدم تحفظ جو شڪار آهن ۽ 18.3 سيڪڙو پاڪستاني خوراڪ جي شديد بحران جو شڪار آهن. پروجيڪٽ تحت هارين کي موسمي تبديلين، فصلن جي سيٽلائيٽ مانيٽرنگ، ٻاڄي، ڀاڻ ۽ اسپري جي استعمال بابت بروقت ڄاڻ ڏني ويندي. ان کان علاوه مارڪيٽن تائين سڌو سنئون رسائي پڻ ڏني ويندي، منصوبي ۾ سعودي عرب، چين، گڏيل عرب امارات، قطر ۽ بحرين کي شامل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون جاري آهن.

بقايا *** 11

قانوني ۽ غير معمولي واڌ جو نوٽيس ورتو ويو آهي ۽ ان حوالي سان سڀني ايل پي جي مارڪيٽنگ ڪمپنين کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ ان جي نوٽيفائيڊ اگهن تي وڪرو يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن. ترجمان چيو تہ سڀني مارڪيٽنگ ڪمپنين کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ ڊسٽريبيوٽرز کي سٽلينڊرز جي فراهمي ۽ ايل پي جي اگهن جا تفصيل واضح طور تي پهچ وقت داخل ڪيا وڃن ۽ سڀني آئوٽ ليٽس تي بہ اگهہ داخل ڪرڻ جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي. سندس موجب اگهہ ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صوبائي حڪومتن ۽ ضلعي انتظاميا سان بہ رابطو ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ اوگرا جي فيلڊ ٽيمن ملڪ جي مختلف حصن ۾ معائني جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 12

قائم ڪئي ويندي، پاڻي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ڪي ايم سي ۾ ميونسپل مئجسٽريٽ مقرر ڪيا ويندا. 6 آگسٽ تائين هائيڊرنٽس سيل کي ڊجيٽائيز ڪري واٽر بورڊ جي ويب سائيٽ تي جاري ڪيو ويندو. ڪراچي ۾ سيوريج لائينن کي آهستي آهستي تبديل ڪيو ويندو ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي مرڪزي آفيس ڪارساز پهچڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو. ميئر ڪراچي جيڪو هاڻي واٽر بورڊ جو چيئرمين پڻ آهي، بئريسٽر مرتضيٰ وهاب کي واٽر بورڊ جي هيڊ آفيس پهچڻ تي ايم ڊي ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد، چيف آپريٽنگ آفيسر انجنيئر اسدالله خان، ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽر روينيو محمد ثاقب ۽ ٻين آفيسرن سندس آجيان ڪئي. ان موقعي تي پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري ڪرم الله وقاصي ۽ ٻيا آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا. ملازمن ميئر ڪراچي تي گلن جي ورکا ڪندي هار ۽ اجرڪون پهرايون. ان موقعي تي ميئر ڪراچي چيو تہ شهرين کي نيگليريا جهڙي موذي مرض کان بچائڻ لاءِ سوئمنگ پولز، مسجدن ۽ ٻين هنڌن تي جتي پاڻي گهڻو استعمال ٿئي ٿو اتي پاڻي ۾ ڪلورين کي شامل ڪيو وڃي ۽ شهر ۾ سوئمنگ پولز جو سروي ڪيو وڃي ۽ ان ڳالهہ کي مڪمل يقيني بڻايو وڃي تہ پاڻي ۾ نيگليريا جا جراثيم موجود نہ آهن. هن چيو تہ سمورا معاملا شفاف نموني هلايا ويندا. واٽر بورڊ ان ڳالهہ جي رٿابندي ڪري ايندڙ ڏينهن ۾ امڪاني برساتن دوران اهي پنهنجي مشينري ڪيئن ۽ ڪهڙن هنڌن تي ڪي ايم سي سان گڏجي پاڻي جي نيڪالي لاءِ استعمال ڪندا ڇاڪاڻ تہ اسان جو ڀرپور ٽارگيٽ مون سون برساتن جي پاڻي جو نيڪال ڪرڻ آهي. ميئر ڪراچي چيو تہ ان حوالي سان شهر جي برساتي نالن ۾ 50 کان 55 هنڌن تي روزانو ڪم جاري آهي. هن چيو تہ شهر ۾ شفاف طريقي سان پاڻي جي ورڇ ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ علائقن کي روزانو پاڻي ملي ٿو جڏهن تہ ڪجهہ علائقن کي هفتن تائين پاڻي نہ ٿو ملي. هن چيو تہ جتي جتي بہ پاڻي ضايع يا چوري ٿئي ٿو انتظاميا کي گهرجي تہ ان خلاف فوري ڪارروائي ڪري. ڪراچي لاءِ 550 ملين گيلن پاڻي ناڪافي آهي پر جيڪڏهن ان جي ورهاست صحيح طريقي سان ڪئي وڃي تہ اهيو مسئلو وڏي حد تائين حل ٿي سگهي ٿو. هن چيو تہ جڏهن اسان اهيو ڪنداسين تہ ڪجهہ مخالفت ضرور ٿيندي پر اسان کي هر علائقي ۾ پاڻي پهچائڻو آهي ڇاڪاڻ تہ اهيو اسان جي ذميواري جو حصو آهي. هن چيو اسان عوام جي خدمت ۽ سياست کان بالاتر ٿي ڪري انتظامي معاملن کي درست ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو تہ سياسي معاملا ڪائونسل ۽ اسيمبلي ۾ ٿيندا پر اسان کي هتي خدمت ڪرڻي آهي چو تہ ڪراچي جي شهرين کي اسان مان وڏيون اميدون آهن. هن جو چوڻ هو تہ آئون ڪراچي کي ڪراچي بڻائڻ چاهيان ٿو ۽ شهري ڪم ٿيندي ڏسندا. آئون هر سياسي پارٽي کي گڏ کڻي هلڻ چاهيان ٿو ۽ ان جو هڪ بهترين مثال عيد الاضحيٰ جي موقعي تي سامهون آيو آهي جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جي مڪاني ادارن جي نمائندن اسان سان هٿ ملايو ۽ اسان گڏجي ڪري عيد الاضحيٰ تي جانورن جي کلن جي نيڪال لاءِ آپريشن ڪاميابي سان مڪمل ڪيو ۽ ڪراچي جي 25 ٽائونن ۾ اسان سڀني سان گڏجي ڪم ڪيو. هن چيو تہ برساتن جي حوالي سان آئون اڄ هڪڙو پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو تہ سمورين سياسي پارٽين سياسي اختلاف هڪ طرف رکي خدمت جي جذبي سان اڳتي وڌن. ڪراچي جي شهرين جي خدمت تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. ماڻهن کي اها ڳالهہ سمجهڻ جي ضرورت آهي ميئر ڪراچي چيو تہ مون کي ايم سي ۾ ڪم ڪيو هو پر واٽر بورڊ منهنجي لاءِ هڪ نئون تجربو آهي ۽ آئون ڪوشش ڪندس تہ واٽر بورڊ مان شهرين کي جيڪي شڪايتون آهن اهي ختم ڪيون وڃن. هن چيو تہ هو جلد ئي سيوريج جي نيڪال بابت هفتي ۾ هڪ ڀيرو شهرين جون سڌي ريت شڪايتون ٻڌڻ شروع ڪندس تہ جيئن اهي شڪايتون گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ ختم ڪري سگهجن. هن ايم ڊي واٽر بورڊ کي هدايت ڪئي تہ واٽر بورڊ جي آمدني کي بهتر بڻايو وڃي ڇاڪاڻ تہ آمدني بهتر ٿيڻ سان ملازمن جي بقايائون ۽ پينشن جي ادائيگي ۾ بهتري ايندي.

بقايا *** 13

حيدر علي، شهناز پروين، سيڪريٽري اطلاعات ڪامران ۽ ٻين پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ ڊي سرل سائيٽ ڪراچي ۾ هڪ دواساز ڪمپني آهي، جنهن ۾ مزدورن جي حقن لاءِ قائم يونين پنهنجا قانوني فرض سرانجام ڏئي رهي آهي، هن چيو تہ ڪمپني انتظاميا گذريل ٻن سالن کان مسلسل يونين کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي ۽ ورڪرز ۽ عهديدارن کي غير قانوني چارج شيٽ جاري ڪئي وئي آهي. مزدور اڳواڻن چيو تہ ڪمپني يونين سان ڪيل معاهدن جي مسلسل ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي، جولائي 2022 ۾ ڊنل چارج چارٽر آف ڊمانڊ هيل تائين رولڙي جو شڪار آهي تہ جيئن مزدورن کي جبري نيڪالي ڏني وڃي ۽ ڪين ڊمانڊ جي فائدن کان محروم ڪيو وڃي، سندن موجب ڪمپني کي ان سلسلي ۾ يونين هڪ خط پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ ڪمپني جي ڪيل خلاف ورزي کي واضح ڪيو ويو آهي. ڪمپني نہ رٽائرڊ ٿيندڙ يا نوڪري ڇڏيندڙ مزدور کي رهتون ادا ڪري ٿي نہ ئي سندن اولاد کي معاهدي تحت نوڪري فراهم ڪري ٿي، ڪمپني 500 کان وڌيڪ ڪانٽريڪٽي ملازم رکي ڇڏيا آهن ۽ ڏينهون ڏينهن پڪن ملازمن جو انگ گهٽائيندي 56 ورڪرز تائين پهچائي ڇڏيو آهي جيڪو عمل واضح ڪري ٿو تہ ڪمپني يونين جا قانوني حق داڪ ڪرڻ ۾ سنجيده ناهي ۽ نہ ئي يونين جي وجود کي پسند ڪري ٿي. تنهن ڪري ورڪرن پنهنجا قانوني حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هنن وڏي وزير ۽ محنت کاتي واري وزير کي اپيل ڪئي تہ جائز مطالبا پورا ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون وڃن.

بقايا *** 14

۾ ملوث عورتن ۽ 18 کان ننڍي عمر جي ماڻهن تي عدالتن ۾ ٿي ڪيس هلندا جڏهن تہ فوجي عدالتن ۾ ٻڌڻي دوران جوابدارن کي وڪيل ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو ذريعن جو چوڻ هو تہ جوابدارن جي خاندان کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن ملڻ جي اجازت هوندي. ذريعن ٻڌايو تہ ان حوالي سان پي ٽي آءِ چيئرمين جو ڪيس فوجي عدالت ۾ آڻڻ تي غور ڪيو پيو وڃي جڏهن تہ ان سلسلي ۾ ڪجهہ وزيرن جي راءِ آهي تہ چيئرمين پي ٽي آءِ عمران خان جو ڪيس عدالتن ۾ ئي هلايو وڃي.

بقايا *** 15

ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پرڏيهي ادائگين لاءِ 6 ارب ڊالرن جي خاطري گهري هئي جڏهن تہ پاڪستان پرڏيهي ادائگين لاءِ 8 ارب ڊالرن جي خاطري ڪرائي ڇڏي آهي. ذريعن موجب چين پاڪستان کي ساڍا 3 ارب ڊالر فراهم ڪندو، چين جا بہ ارب ڊالر ڊپازٽ ۾ رکيل هوندا جڏهن تہ چين جي ڪمرشل بينڪ ڏيڍ ارب ڊالر فراهم ڪندي، ذريعن جو چوڻ آهي تہ سعودي عرب پاڪستان کي بہ ارب ڊالر، گڏيل عرب رياستون هڪ ارب ڊالر، عالمي بينڪ 50 ڪروڙ ڊالر ۽ ايشيا انفرا اسٽرڪچر بينڪ 25 ڪروڙ ڊالر فراهم ڪندي، ناڻي واري وزارت جي اختيارين چيو آهي تہ جنيوا ڪانفرنس جا اعلانيل 35 ڪروڙ ڊالر بہ پاڪستان ايندا.

بقايا *** 16

واقعي کان پوءِ پيمرا آرڊر جاري ڪيو پيمرا آرڊر جي آڙ ۾ پوري پي ٽي آئي جو ميڊيا بليڪ آئوٽ ڪيو ويو جسٽس عدنان اقبال چوڌري ريمارڪس ڏنا تہ اوهان پيمرا آرڊر سان ڪيئن متاثر ٿي سگهون ٿا درخواست گذار جي وڪيل موقف ڏنو تہ منهنجو اصيل پارٽي جو ميمبر ۽ سپورٽر آهيان جسٽس عدنان اقبال چوڌري ريمارڪس ڏيندي چيو تہ اوهان پاڪستان جا صدر بہ هجي تہ هن آرڊر سان ڪيئن متاثر ٿي سگهو ٿا جسٽس عدنان اقبال چوڌري درخواست گذار جي وڪيل کي چيو تہ پيمرا جو آرڊر پڙهو درخواست گذار جي وڪيل موقف ڏنو تہ پيمرا 9 مئي جي سهولتڪارن، جوابدارن جو ميڊيا بليڪ آئوٽ ڪرڻ جو آرڊر ڪيو منهنجي پوري جماعت جو ميڊيا بليڪ آئوٽ ڪيو ويو جسٽس عدنان اقبال چوڌري ريمارڪس ڏيندي چيو تہ پيمرا جنهنڪي حڪم ڏنو اهو متاثر ٿيو ۽ اوهان ڪيئن ٿيا پيمرا جي آرڊر جي خلاف تہ چينلز کي عدالت اچڻ گهرجي ها جيڪڏهن اهي متاثر آهن مطمئن ڪريو اسان اوهان کي ڪيئن ٻڌي سگهون ٿا درخواست گذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو تہ معلومات ڄاڻڻ اسان جو بنيادي حق آهي ڄاڻ تائين پهچ هر شهري جو بنيادي حق آهي هر سياسي پارٽي ۽ فرد کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو بہ حق آهي ڪائونسل آف ڪمپلينٽ جي منظوري بنا پابندي قانون جي خلاف آهي عدالت ريمارڪس ڏيند ڇيو تہ اوهان درخواست واپس وٺندا يا اسان درخواست رد ڪري ڇڏيون عدالت درخواست ان ٻڌڻي جوڳي قرار ڏئي ڇڏي عدالت جي آپشن ڏيڻ تي درخواست گذار جي وڪيل درخواست واپس وٺي ڇڏي درخواست گذار جي وڪيل پاران درخواست واپس وٺڻ تي عدالت درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا *** 17

ڪاڏي وڃي رهيو هو، ان حوالي سان جاچ جاري آهي

بقايا *** 18

ٿي پيا. پرڏيهي خابرو اداري موجب بارودي مواد جي اها فيڪٽري وچ روس جي علائقي سمارا ۾ موجود هئي، ڌماڪي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي 6 ڄڻن علاج دوران دم ڏئي ڇڏيو ڌماڪي جي ٻن زخمين کي آءِ سي يو ۾ داخل ڪيو ويو آهي جن مان هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. ڌماڪي جي وقت فيڪٽري ۾ 1300 کان وڌيڪ ملازم موجود هئا، پوليس جو چوڻ هو تہ فيڪٽري ۾ ڌماڪو مرمتي ڪم دوران سامان ٽٽڻ سبب ٿيو غفلت ۽ لاپرواهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 19

کان وڌيڪ نااهل نٿو ٿي سگهي. وزيراعظم جي خاص مددگار عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي. آئين ۾ چونڊن جو وقت مقرر آهي. هن وڌيڪ چيو تہ نواز شريف جلد وطن واپس ايندو. اسان جي خواهش آهي تہ نواز شريف چونڊ مهم جي قيادت ڪري. وزيراعظم شهباز شريف جي خاص مددگار عطاءُ الله تارڙ جو بہ چوڻ آهي تہ ثبوت تہ هٿڻ جي صورت ۾ ڪيس پنهنجي مرضيءَ سان مري ويندا آهن. حڪومت جو مدو آگسٽ ۾ پورو ٿي ويندو.

بقايا *** 20

ٻني مان وونئڻ جي فصل مان سندس ڪپڙن کان اڄ لاش هٿ آيو آهي وارثن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ گذريل ڏينهن ڪبوتر جهلڻ واري ڳالهہ تان نينگر جي سندس هم عمر مائٽ گوند ڪولهي سان منهن ماري ٿي هئي جنهن نينگر کي ڌمڪيون ڏنيون هيون جنهن بعد نينگر ڪالهہ گهر جو سامان وٺڻ لاءِ ويو هو جنهن بعد مسلسل گم هوهنن ٻڌايو تہ اسان سڄي رات نينگر جي ڳولا ڪئي اڄ صبح جو نينگر جو لاش ٻني مان هٿ آيو آهي جنهن جي شلوار لٿل آهي نينگر کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو آهيپٿي طرف جهڏو پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار گوند ولد پونيو ڪولهي کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب تہ معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا *** 21

وڏو ٻرون 6 ڪلو هيروئن ڪٽي وڃي رهيو هو تہ روزدار نالي هڪ زميندار جي زمين ۾ ڪري تباهہ ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي واسين جو وڏو انگ ڊرون پرسان گڏ ٿي ويو ۽ پوليس کي اطلاع ڪيو ويو ايس ايڇ او عبدالواحد جو چوڻ هو تہ پوليس ڪارروائي ڪندي لکين رپين جو ڊرون ۽ منشيات هٿ ڪري ورتي آهي، پنهنجي شين کي وڌيڪ جاچ لاءِ اينٽي نارڪوٽڪس فورس حوالي ڪيو ويو آهي، واضح رهي تہ هن سال ناروال پوليس ڊرون ذريعي سرحد پار هيروئن اسمگلنگ ۾ ملوث 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو. جاچ دوران پوليس ڪنٽرول ڊيوائس، 8 بيٽريون ۽ هٿيار پڻ هٿ ڪيا هئا.

بقايا *** 22

سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس اسرائيل کي خبردار ڪندي چيو آهي تہ اسرائيل وٽ فلسطين ۾ تشدد جي ڪارروائين جو ڪو جواز ناهيهن چيو تہ جنين تي اسرائيل جا هوائي حملا جنگي ڏوهن جي زمري ۾ اچن ٿا، هوائي حملا قانون لاڳو ڪندڙ آپريشن سان هڪجهڙائي نٿا رکن گڏيل قومن ۾ فلسطيني نمائندي اسرائيل ۾ عالمي حفاظتي فورس موڪلڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو جنهن تي انتونيو گوتريس چيو تہ مون کي نٿو لڳي تہ اسرائيلي حڪومت ان امڪان سان اتفاق ڪندي، اهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي جنهن سان فلسطيني شهرين کي تحفظ ملي سگهي.

بقايا *** 23

ريورٽن موجب فوجي اهلڪار زال سوڌو ٻن ٻارن کي ٻاهر ڏني، جوابدار ٻن مهينن جو پٽ ڏڏي تي ٽي ماڻ سوڌو فوت ٿي ويو جڏهن تہ سندس 8 ورهين جي پٽ بري طرح سڙي زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، علائقي واسين واقعي جو اطلاع ۽ پوليس کي ڏنو پر ان کان اڳ ئي جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس جوابدار جي زال ۽ ٻن مهينن جي پٽ جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو مقتولا جي گهرڀاتين پوليس کي ٻڌايو تہ جوابدار زال تي ناجائز لاڳاپن جو الزام لڳائي ڪيس قتل ڪيو جڏهن تہ هن جا پنهنجا هڪ بينڪ ملازم سان ناجائز لاڳاپا آهن جنهن سبب هو طلاق چاهي پيو هنن الزام مڙهيو تہ فوجي اهلڪار ۽ بينڪ ملازم گڏجي اسانجي ڌيءَ کي قتل ڪيو هوڏانهن پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ کان پوءِ جوابدار جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ مختلف هنڌن تي ڇاپا بہ هنيا پيا وڃن.

بقايا *** 24

ويو آهيرورل هيلٿ سينٽر ٽنڊو ڄام ۾ ايڊمن آفيسر طالب حسين ٻگهيو پاران ڊاڪٽرياڻي افروز کي تنگ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، ڊاڪٽرياڻي ايڊمن کان ٿي موڪل لکي جڏيڊاڪٽرياڻي پاران لکيل موڪل ۾ جاچايو ويو آهي تہ ايڊمن مان تنگ ٿي موڪل لکي آهي، ايڊمن آفيسر جي ٽارچر سبب ڊپريشن ۾ هلي وئي آهياڊاڪٽرياڻي افروز چيو آهي تہ ايڊمن آفيسر طالب ٻگهيو پاران مسلسل تنگ ڪيو پيو وڃي، ڪجهہ وقت اڳ رسڪ الائونس لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مسلسل ٽارگيٽ ڪري تنگ ڪيو پيو وڃيڊاڪٽرياڻي چيو آهي تہ ذهني پريشاني ۾ مبتلا ٿي وئي آهيان، موڪل تان واپس اچڻ ڪانپوءِ ايڊمن آفيسر جوائننگ ڪرڻ نٿو ڏي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي، ذهني طور پريشان ٿي وئي آهيان

بقايا *** 25

ڪميشن جي ملازمن کي اي ميلز استعمال نہ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، سيڪيورٽي الرٽ ۾ ملازمن کي چيو ويو آهي تہ اهي وصول ٿيندڙ اي ميلز نہ کولين، اي ميلز کولڻ سان قيمتي ڄاڻ چوري ٿي سگهي ٿي اليڪشن ڪميشن جي آفيسرن کي انجاتل اي ميلز نظرانداز ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 26

خابرو اداري موجب اولڊ هوم ۾ 167 رٽائرڊ ماڻهو رهندا هئا، فوتين مان بہ بري طرح سڙي جڏهن تہ 4 ڄڻا ڪمري ۾ دونهون ڀرجڻ سبب فوت ٿي ويا، هيل تائين باهہ لڳڻ جا سبب خبر ناهن پئجي سگهيا، ڪيترن ئي ماڻهن جي حالت خراب ٿي وئي جن مان گهڻا وينٽيليٽر تي هئا، زمين مان 3 جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، باهہ پهرين منزل تي هڪ ڪمري ۾ لڳي هئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي زهريلي دونهين سڄي گهر کي پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي ڇڏيو پوليس جو چوڻ هو تہ شروعاتي طور تي اهو هڪ واقعو لڳي ٿو پر وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 27

تہ هلندڙ سال سڀ کان وڌيڪ 32 هزار 57 ڊائريا جي ڪيس ڪراچي جي وچ ضلعي ۾ سامهون آيا. جڏهن تہ سڀ کان گهٽ 3 هزار 952 ڪيس ڪورنگي ضلعي ۾ رپورٽ ٿيا، انگن اکرن موجب 12 هزار 486 ڪيس اولهہ ضلعي ۾ رپورٽ ٿيا ۽ ڏکڻ ضلعي ۾ ڊائريا جي ڪيسن جو انگ 6 هزار 834 آهي صحت کاتي جو چوڻ آهي تہ 4 هزار 535 ڊائريا جا ڪيس ڪياماڙي ضلعي ۾ رپورٽ ٿيا ۽ 8 هزار 952 ڪيس اوڀر ضلعي ۾ سامهون آيا.

بقايا *** 28

جڏهن هڪ شادي شده عورت ڪم ڪرڻ جوڳي آهي، تہ اها پنهنجي مڙس کان ڳري معاوضي جي اميد نٿي ڪري سگهي، مڙس سان تڪرار سبب طلاق وٺندڙ عورت درخواستگذار 3 لک رپيا معاوضو ۽ 10 هزار رپيا ماهوار جو مطالبو ڪيو هو. جنهن تي سيشن ڪورٽ عورت جي درخواست تي فيصلو ٻڌائيندي ماهوار 5000 رپيا ۽ معاوضي کي ٽن لکن مان بہ لک رپيا ڪيو هو ڪرناٽڪ ها، ڪورٽ طرفان جاڻايل فيصلي کي برقرار رکندي چيو ويو تہ شادي کان اڳ جاب ڪندڙ عورتن لاءِ شادي کان پوءِ گهر ويهڻ جو ڪو بہ بنياد ناهي. درخواستگذار هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ۽ دعويٰ ڪئي هئي تہ ڪيس ڏنل معاوضو گهڻو گهٽ آهي ۽ هو پنهنجي زندگي نہ گذاري سگهندي.

بقايا *** 29

منظور احمد پنهور جي لاءِ فاتحہ خواني پڻ ڪئي. هن چيو تہ مرحوم سردار منظور پنهور هڪ اصول پرست انسان هو ۽ سندس اصولن جي ڪري ماڻهو ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. تعزيت جي موقعي تي پ پ ايم اين اي اعجاز جکراڻي، چنگيزخان جکراڻي، ايم پي اي سهراب خان سرڪي، ايم پي اي ممتاز خان جکراڻي، ايم پي اي اسلم ابڙو، آغا توقير پٺاڻ، آغا سهيل انور سيال، بابل خان ڀيو ۽ ٻيا پارٽين جا اڳواڻ ۽ عهديدار ساڻس گڏ هئا.

بقايا *** 30

صديقي کي ان وقت گرفتار ڪيو هو، جڏهن اسٽيٽ بئنڪ اسرائيل مان ايندڙ نائي جي نشاندهي ڪئي، توري توري رقم ويسٽرن يونين ذريعي ميرپورخاص موڪلي وئي، جنهن جي شاخ شهر جي ڊاکخاني ۾ موجود آهي، 6 سالن جي عرصي ۾ مجموعي طور 20 لک رپيا موڪليا ويا، اهي ماڻهو اسرائيل ۽ گاڏيون ڊوڙڻ ۽ هيلپر طور ڪم ڪندا هئا، ايف آءِ اي جي هڪ اهلڪار موجب ان فيملي جا تقريبن 8 ماڻهو اهڙا آهن، جن مختلف وقتن ۾ اسرائيل جو سفر ڪيو آهي. انهن مان ڪجهہ 2021 ۽ ڪجهہ 2022 ۾ واپس آيا. انهن مان ٽي ضعيف ۽ بيمار آهن. ايف آءِ اي آرم انهن جا نالا ظاهر نہ ڪيا ويا، جاچ دوران انهن مان هڪ اسرائيل ۾ رهندڙ هڪ ماسي (نالي رفتا) بابت انڪشاف ڪيو آهي، اها عورت پاڪستان مان تقريبن 40 سال اڳ اسرائيل هجرت ڪري وئي هئي. سندس پيءُ ايران جائي يهودي عورت سان شادي ڪئي هئي، جنهن پوءِ اسلام قبول ڪري ورتو رفتا جا پيائر ۽ هڪ ڀيڻ آهي. جن جا نالا محمد انور، محمد اسلم ۽ ستارا آهن ايف آءِ اي عهديدار موجب اهي سمورا فرد پاڪستاني آهي ۽ اسرائيل جون سفر ڪري چڪا آهن. ستارا جو مڙس عبدالمجيد صديقي ۽ پٽ نعمان صديقي ۽ ڪامران صديقي بہ پاڪستان اچي چڪا آهن، جڏهن تہ اسرائيل مان نعمان ۽ ڪامران رقم موڪلي هئي. جوابدارن ۾ شامل هڪ شخص ڪامل آهي. جيڪوانور جو پٽ آهي پر هان هو اسرائيل واپس وڃي چڪو آهي انهن ماڻهن جا سفري انتظام رفتا جي مڙس اسحاق ڪيا هئا. انور ايف آءِ اي کي ڏنل هڪ بيان ۾ چيو تہ ان اسحاق کي سفري انتظامن ۽ تل ابيب ۾ ڪم ڳولڻ لاءِ 3 لک رپيا ڏنا هئا. واضح رهي تہ اسرائيل اهڙو ملڪ آهي، جتي پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ ماڻهو نٿا وڃي سگهن.

بقايا *** 31

ٿي پيا. پرڏيهي خابرو اداري موجب بارودي مواد جي اها فيڪٽري وچ روس جي علائقي سمارا ۾ موجود هئي، ڌماڪي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي 6 ڄڻن علاج دوران دم ڏئي ڇڏيو ڌماڪي جي ٻن زخمين کي آءِ سي يو ۾ داخل ڪيو ويو آهي جن مان هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. ڌماڪي جي وقت فيڪٽري ۾ 1300 کان وڌيڪ ملازم موجود هئا، پوليس جو چوڻ هو تہ فيڪٽري ۾ ڌماڪو مرمتي ڪم دوران سامان ٽٽڻ سبب ٿيو غفلت ۽ لاپرواهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 32

۾ ملوث عورتن ۽ 18 کان ننڍي عمر جي ماڻهن تي عدالتن ۾ ٿي ڪيس هلندا جڏهن تہ فوجي عدالتن ۾ ٻڌڻي دوران جوابدارن کي وڪيل ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو ذريعن جو چوڻ هو تہ جوابدارن جي خاندان کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن ملڻ جي اجازت هوندي. ذريعن ٻڌايو تہ ان حوالي سان پي ٽي آءِ چيئرمين جو ڪيس فوجي عدالت ۾ آڻڻ تي غور ڪيو پيو وڃي جڏهن تہ ان سلسلي ۾ ڪجهہ وزيرن جي راءِ آهي تہ چيئرمين پي ٽي آءِ عمران خان جو ڪيس عدالتن ۾ ئي هلايو وڃي.

سوئيڊن ۾ سرڪاري سطح تي قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

علماءِ ايڪشن ڪميٽي ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان الڳ الڳ ريليون ڪڍيون ويون

سوئيڊن جو سفارتخانو بند ڪيو وڃي، ۽ اسلامي ملڪن کان بائيڪاٽ جو مطالبو ڪيون ٿا: اڳواڻ

گهارو (بشام جوکيو) سوئيڊن ۾ سرڪاري سطح تي قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف علماءِ ايڪشن ڪميٽي ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

گهارو: سوئيڊن خلاف نڪتل ريلي جو ڏيک

نوشهروفيروز ۾ به سوئيڊن ۾ پاڪ ڪتاب جي بي حرمتي خلاف احتجاج

سياسي سماجي شهرين ۽ ڊيڪوريشن ايسوسيئيشن جي اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي وئي

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) بي حرمتي خلاف سياسي سماجي شهرين ۽ ڊيڪوريشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

نوشهروفيروز: سوئيڊن خلاف سياسي سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

مختلف شهرن جيان منياڻي ۾ به سوئيڊن ۾ قرآن شريف جي بيحرمتي خلاف ريلي

اسلام _جميعت طلباء اسلام _پاڪستان سني تحريڪ ۽ مختلف مذهبي جماعتن پاران ريلي

جامع مڪي مسجد ملڪ محلا منياڻي کان شهر جي مين چوڪ تائين ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سنڌ جي مختلف شهرن جيان اڄ منياڻي ۾ به سوئيڊن ۾ قرآن شريف جي بيحرمتي خلاف جميعت علماءِ اسلام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نوشهروفيروز: مختلف مذهبي جماعتن پاران سوئيڊن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران واره ۾ احتجاج

امير حافظ محبوب جوڻيجو، نائب امير حافظ منثار علي چانڊيو، مولانا همت علي ريلي ڪڍي

قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪندڙ سوئيڊن سان تمام تعلقات ختم ڪرڻ گهرجن: اڳواڻن جو خطاب

واره (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) واره سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان سموري ملڪ جيان واره ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

واره: مذهبي جماعت پاران سوئيڊن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ پرسان ڳوٺ امام بخش سهتو جو رهواسي پوڙهيت جو بااثرن خلاف احتجاج

امام بخش سهتو جو رهواسي حاجي خان سهتو گمبٽ ميڊيا سينٽر پهچي مظاهرو ڪيو

بااثر قبضو جا ماڻهون وٺي مون کي ۽ مون جي ٻچڙن کي حراسان ڪري رهيا آهي: حاجي خان سهتو

گمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) گمبٽ پرسان ڳوٺ امام بخش سهتو جو رهواسي پوڙهيت جو بااثرن جي ظلم خلاف گمبٽ ميڊيا سينٽر تي احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 43

سکر ۾ گڏهه گاڏو هلائي پيٽ پاليندڙ مزدور مٿان قاتلاڻو حملو سخت زخمي

زخمي ۽ وارثن پوليس خلاف پريس ڪلب سکر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس جوابدارن تي ڪيس داخل نه ٿي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) گڏهه گاڏو هلائي پيٽ پاليندڙ مزدور مٿان قاتلاڻو حملو سخت زخمي سول اسپتال داخل ڪيس داخل نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 44

جهڏو ۾ ٿيل افسوس ناڪ واقعي تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي : باغي ساگر

سنڌ ۾ هندن سان ظلم وڌندا پيا وڃن ۽ سنڌ پوليس ۽ سنڌ سرڪار اڳهور ننڊ ستل آهي

نينگر پرسو سان وحشين زيادتي ڪري قتل ڪرڻ بعد لاش فصل ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) جهڏو ۾ ٿيل افسوس ناڪ واقعي تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي سنڌ ۾ هندن سان ظلم وڌندا پيا وڃن پرسنڌ پوليس ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

نوشهروفيروز ۾ اينٽي ڪرپشن ٽيم جو ڇاپو ، يوسي سيڪريٽري فرار ٿي ويو

محمد زمان اعوان جي اڳواڻي ۾ جوڊيشنل ميجسٽريٽ جي نگراني ۾ ڇاپو هنيو

مناهي جي آفيس جو يوسي سيڪريٽري ۽ بيو اسٽاف فرار، رڪارڊ تحويل ۾ ورتو ويو

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهروفيروز ۾ اينٽي ڪرپشن ٽيم جو ڇاپو اينٽي ڪرپشن ٽيم جو سرڪل آفيسر محمد زمان اعوان جي اڳواڻي ۾ جوڊيشنل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

خانپورمهر سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

حافظ محبوب احمد قاسمي، قاري بشير احمد مهر جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

پلي ڪارڊ ڪٺي تعلقه پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر خانپورمهر ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان تعلقي سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف خانڳڙهه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 45

تحريڪ انصاف ضلع سجاول پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف احتجاج

بيحرمتي خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف ضلع سجاول پاران ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

سينيئر اڳواڻن عبدالرحمان ملاح، ممتاز علي شاه بخاري، دانش ديدار، سليم ملاح شريڪ ٿيا

سجاول (د ر) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلع سجاول پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف احتجاج ڪيو ويو، سجي ملڪ جيان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 46

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي ٿيل بي حرمتي خلاف راڻيپور ۾ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو

سيد احمد علي شاه جيلاني فياض عباسي، غلام شبير قلبوڻو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ٿيڻ سان پوري دنيا ۾ مسلمانن جي دل آزاري ٿي آهي: مظاهرين

راڻيپور (رپورٽر) سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي ٿيل بي حرمتي خلاف پاڪستان تحريڪ جي چيئرمين عمران خان جي احڪامات تي سڄي ملڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

ڪوٽڏيجي عيد غدير جي مناسبت سان شيعن جي مختلف تنظيمن طرفان ريلي

ڪارڪنن پاران غدير چوڪ ڪوٽڏيجي تائين هڪ ڳڏيل عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي

دڪاندارن ۽ شهرين طرفان مختلف جڳهن تي مٺي سبيلن جا اسٽال لڳايا ويا، شاندار استقبال

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي عيد غدير جي مناسبت سان شيعن جي مختلف تنظيمن طرفان باب زينبيه ۽ مسجد علي مرتضيٰ ۽ مراد ڳوٺ ڪان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

بقايا 01 سنڌيار

بقايا 14 سنڌيار

بقايا 23 سنڌيار

بقايا 32 سنڌيار

بقايا 51 سنڌيار

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com